اُماسَ ۾ بہ سوجھرو

مختيار ملڪ

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوبار

صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

اُماس ۾ به سوجهرو

(شاعري)

SOORIH SINDHI ADAB

مختيار ملڪ

پرنٽ پبلشرز
خيرپور

سمورا حق واسطا ليکڪ وٽ

اماس ۾ ٻہ سوجھرو
(شاعري)

شاعر: مختيار ملڪ

چاپو پهريون: جولاءِ 2002ع
ٽائيٽل: خدا بخش ابڙو
ڪمپوزر: بخت علي ابڙو
ڇپائيندڙ: پريت پبلشرز خيرپور
ڇپيندڙ: وفائي پريس ڪراچي
ڳاڻيٽو: 1500
مُلهہ: 150 روپيا

All Rights Reserved with Poet

UMAS MEIN BI SOJHRO
(Poetry)

Poet: Mukhtiar Malik

First Edition: July, 2002
Title: Khuda Bux Abro
Composer: Bakhat Ali Abro
Published by: Preet Publishers Kahirpur
Printed by: Wafi Press, Karachi.
Copies: 1500
Price: Rs.150

ارپنا

*
*
*
*

پنهنجي مانائتي امڙ
خيرالنساءِ
پنهنجي پياري ڀيڻ
مهرالنساءِ
دل گهرين پائرن
اقبال ملڪ
۽
امتياز ملڪ
جي
نالي

سَـنـاءُ

مان صدين تائين ڳائيندس
11-22 مهاڳ

جيـون پـل اَپـل
غزل 23-92

سـاروٽـيـن جـي رُج ۾
104-93 بيت - سورٺا - دوها

جذبا جھومـيا جيءَ ۾
وايــون 105-120

سـو مـان نـاھـيـان
132-121 ترائيل

اکيـون۔ خوابَ نگر
هائيڪا 133-138

او سـيـئـڙو .....
160-139آزاد/نثري نظم

مان صدين تائين ڳائيندس (مهاڳ)

تنوير عباسي

SOORIH SINDHI ADAB

مان صدين تائين ڳائيندس (مهاڳ)

تنوير عباسي

SOORIH SINDHI ADAB

مختيار ملڪ سنڌي شاعرن جي اُنهيءَ ٽهيءَ مان آهي، جيڪا هاڻي نوجوانيءَ جون حَدون اُڪري، ڦوهه جواني تائين اچي پهتي آهي. مختيار ملڪ جي طبعي، ذهني، توڙي ادبي اوسر، مهنجي اکين آڏو ٿي آهي. هن پڙهيل ماحول ۾ اکيون کوليون، اڌ پڙهيل نه، پر سڄي پڙهيل ماحول ۾، ڇو ته سندس گهر ۾، مردن سان گڏ عورتون (جن ۾ مختيار جي مانائتي امڙ آپا خيرالنساءِ به شامل آهي) به پڙهيل هيون. ان وقت ۾ سنڌين ۾ اهڙا گهر ٿورا هئا، جن جون عورتون پڙهيل هُجن.

مختيار، اياز گل، ادل سومري ۽ نصير مرزا جِي ٽهيءَ جو شاعر آهي. چئني شاعرن، شروعات ٻاراڻن شعرن سان ڪئي، ۽ هاڻي چارئي سنڌي شاعريءَ جي ٨
گلدستي جا اُهي سرها گل آهن. جن مان هر هڪ کي پنهنجِي پنهنجِي سرهاڻ ۽ پنهنجو پنهنجو رنگ ۽ روپ آهي.

اسانجي ٽهيءَ توڙي مختيار جي ٽهيءَ جا سيئي شاعر، رومانوي، وطن دوست، انقلابي، ۽ ترقي پسند آهن. اِهَا هن صديءَ جي پوئين اڌ جي سنڌي شاعريءَ جي سڃاڻ آهي. ڪن فئشن طور اُنهن لاڙن کي پنهنجو ڪيو آهي، ته ڪن پاڻ کان اڳُ ايندڙ وڏن نالن جي تقليد طور، ته ڪن وري مشهوريءَ حاصل ڪرڻ خاطر نعري بازيءَ طور، پر مٿي ڄاڻايل چئني شاعرن (مختيار ملڪ سميت) انهن لاڙن ۾ ايمان رکيو آهي، ۽ خلوص ۽ سچائيءَ سان اُنهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايو آهي. هنن جو هن ڌرتيءَ ۽ اُن جي ماڻهن سان پيار آهي، ۽ اُنهن جي مستقبل جِي بهتريءَ ۽ آجپائيءَ ۾ ايمان آهي،

مون مٿي لکيو آهي ته مختيار ملڪ سنڌي شاعريءَ جي گلدستي جو اُهو گل آهي، جنهن کي پنهنجو رنگُ، پنهنجي سرهاڻ، ۽ پنهنجو روپُ آهي. اچو ته ان ڳالهه جي ثابتي سندس شاعري مان حاصل ڪريون.

سڀ شاعر، پوءِ اُهي ڪهڙيءَ به ٻوليءَ، ڪهڙي به ملڪ، ۽ ڪهڙي به دور جا هجن، رومانوي هوندا آهن.

شاعريءَ جي شروعات کان وٺي، اڄ تائين رومان مرغوب موضوع رهيو آهي.

شاعريءَ ۾ اها رومانويت يا مطالعي جي سهاري هوندي آهي، يا تصوراتي يا پنهنجي محسوس ڪيل احساسن ۽ جذبن جي سهاري، پوبون قسم وڌيڪ زورائتو ۽ اثرائتو هوندو آهي. ڇو ته اُن ۾ اظهار ۽ اُپٽار جو خلوص، ۽ بيان جي اصليت هوندي آهي. اُن ذريعي، نِت نون ۽ انوکن جذبن جي نہ فقط اپٽار هوندي آهي، پر اُنهن جِي ڪوجنا پڻ. جيئن شاعريءَ ۾ اسلوب، يا ردم "ذاتي" Personal هوندو آهي، تئين اهو رومان، رومانوي ماڳ، ٿاٽا، جذبا ۽ احساس، توڙي انهن جي اظهار ۽ اپٽار جو طريقو، سڀ "ذاتي" هوندا آهن. مختيار ملڪ وٽ اهڙوئي ذاتي، هن جو پنهنجو محسوس ڪيل رومان آهي، ۽ اُن جي اظهار جو اَسلوب پڻ ذاتي اٿس.

ڪالهہ مون ڪان سوا جنهنجي گذري نہ ٿي،
اڄ اڪيلي اڪيلي بہ گهارڻ لڳي.

گڏ هئي هوءَ جڏهن، ڪجهہ ڪُڇي ڪين ٿي،
ڇو وڇڻ ويل گهوري نهارڻ لڳي.

ظاهري مونکي نفرت سان ڏسندي هئي.
نند ۾ منهنجو نالو اُچارڻ لڳي.

اسان ملياسين وري اڄ بہ اجنبين وانگي،
اسانجي توڙي سڃاڻپ گهڻي پراڻي آهي.

توکي بنگلا ڪپن
مونکي سادو ڇپر
ڏک وسرن جتي
سوئي سڏبو آ گهر

هر دفعي پرڇائُنو مونکي پيو،
جڻ نئي چاهين ڪڏهن پرڇاءَ تون.

هڪڙو پل پيار، ٻيءَ گھڙيءَ نفرت،
هن جي فطرت بہ ڪجھ نرالي آ.
جيئن جو اخبار جي پڙهيئين سرخي
چانهن جي هٿ مان ڪري پيالي آ.

جڻ وڇوڙي ۾ ڪائي خوشي آ لڪيل،
مرڪ چهرن مٿان موڪلائڻ مهل.

مٿين شعرن ۾ مختيار ملڪ رومان جا اُهي ماڳ ۽ ٿاٽا آندا آهن، جيڪي شاعريءَ ۾ اڳ موجود ئي نہ آهن، ۽ جي آهن، تہ اُهي ايترا عام نہ آهن. ان ڪري اهي شعر اَسُرَ جَي تِرَبِلَ رابيلن جان نوان نڪور ۽ سُرها ٿا لڳن. فارسي ۽ اردو غزل جي روايتي ظالم ۽ سفاڪ معشوق، ۽ سنڌي شاعريءَ جي پٿر دل محبوب ۾ سڌو سنئون ۽ ظاهر ظهور فرق محسوس ٿئي ٿو.

مختيار جو محبوب روايتي اردو غزل جي محبوب جيان ظالم، سفاڪ، قاتل سيڪجھ آهي، پر اُهو "هَرجائي" ڪونهي، جيڪو دربار لڳائي ويٺو هجي، ۽ هر ڪنهن سان فلرٽ ڪري، سندس محفل ۾ رقيب روسياهہ بہ هجي، ۽ ان ڏي پنهنجي عاشق ڪان وڌيڪ ڏيان ڏئي. مختيار ملڪ، پنهنجي رومانوي شاعريءَ ۾ سنڌي محبوب جي ڪردار ڪي نہ فقط سمايو آهي، پر اُن ڪي اجاگر ڪيو اٿائين. اُن جي لاڙن ان جي فطرت، ان جي نفسيات، ۽ اُن جَي روش ڪي واضع ڪيو اٿائين.
اڻين برابر آهي، تہ

پٿر دل ڪي چا ٿيندو،
١ نيڻن ۾ ڪجھ نير ڏسي.

پر تڏهن بہ:

ڪرپ منجهان ٿي ڪالهہ ڏٺو جنهن،
پلئہ بہ آهي آلو اُن جو.

ائين بہ آهي:

ڪوڙي هٽ اَنا جا ماريل،
اجا بہ ساڳيو رايو هوندئي.

لفظن ۾ ئي زهر ملائي،
ڳالهين ۾ ڪارايو هوندئي.

پر تنهن هوندي بہ:

ڪنهن واٽ تي وچڙي ڪاوڙ مان،
ڪنهن موڙ تي مليا هونداسي.

ڪاوڙ ڪرڻ کان پوءِ بہ سنڌي عورت کي سڪون نہ ٿو اچي:

هُن جي اندر ۾ ڪا اُڻ تڻ آ ضرور،
هُن جو مُرڪڻ ئي ٻڌائي ٿو پيو.

۽ سنڌي عورت جي حسد، ساڙ ۽ اڻ سهائپ جي جذبن جي اپٽار هِن چرنڊڙ عڪس کان وڌيڪ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

مون چيو هو تہ "توکان سهٽي آ"،
تو انهيءَ مورتيءَ کي ڊاهيو هو.

مختيار ملڪ پنهنجي شاعريءَ ۾، نہ رڳو پنهنجو ذاتي رومان پلٽيو آهي، پر اُن سان گڏ "سنڌي رومان" پڻ- اهو سنڌي رومان سنڌ جي مرد ۽ عورت جي نفسياتي لاڙن جي عڪاسي ڪري ٿو.

مٿي ڏنل شعرن ۾، مختيار ملڪ جي اسلوب ڏانهن اشارو نہ ڪرڻ غلط ٿيندو. اِهو هڪ الڳ موضوع ٿي سگهي ٿو، پر هتي ڪجهہ مختصر بيان ڪجي ٿو.

" اندر ۾ اُن تڻ هجڻ " ، " ڪرپ مان ڏسڻ" ، " ڪوڙي هٽ جو ماريل" " لفظن ۾ زهر ملائي ڳالهين ۾ ڪارائڻ" . اِهي سڀ محاورا ڪتب آڻڻ مان لڳي ٿو، تہ مختيار ملڪ کي سنڌي ٻوليءَ جي محاوري جي اونهي ڄاڻ آهي، پر اُنهن کي استعمال ڪرڻ، ان ۾ واڌاري ڪرڻ (لفظن ۾ زهر ملائي ڳالهين ۾ ڪارائڻ) جو پڻ ساهس رکي ٿو.

مٿي اهڙن تمام ٿورن شعرن جو مثال ڏنو ويو آهي جن ۾مختيار ملڪ جو

انفرادي اسلوب جهلڪا ٿو ڏئي، پر جي سُڄاڻ پڙهندڙ ۽ نقاد غور ڪندا ته مختيار ملڪ جَي ڪيترن ئي شعرن مان اهڙا مثال نڪري ايندا.

ائين به ناهي ته مختيار ملڪ رڳو ”پربڻ جي پڇار“ يا ”غم جانان“ ۾ پورو آهي، ۽ پنهنجي چوڌاري وسندڙ ماحول ۽ ماڻهن ۽ انهن جي مسئلن ڪان منهن ڦيري ڇڏيو اٿائين.

جيئن مون مٿي لکيو آهي ته اسانجي، ۽ مختيار ملڪَ جي ٿهيءَ جَي شاعرن جي سڃاڻ رومانويت، وطن دوستي، انقلاب ۽ ترقي پسندي آهي. هتي مان وڌيڪ اِهو لکندس، ته ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ڪٿي ڪٿي سنڌي شاعريءَ جون اِهي چارئي ڌارائون، هڪ ٻئي ۾ اهڙيءَ طرح ته ملي ٿيون وڃن، جو اُنهن مان هر هڪ جي الڳ سُڃاڻ باقي نه ٿي رهي. رومانويت ئي انقلاب، ترقي پسندي،.وطن دوستي ٿيو پوي، ته وطن دوستي ئي رومانويت، انقلاب ۽ ترقي پسندي ٿي پوي. اهڙيءَ طرح مختيار جي رومانويت روايتي رومانويت ناهي. اُها انقلاب (روايتي رومانويت ڪان بغاوت) ترقي پسندي (وڏيرڪي ۽ سامراجي رومان ڪان اڳتي قدم) ۽ وطن دوستي (سنڌ جي نفسياتي لاڙن وارو رومان آهي. پر تڏهن به مختيار ملڪ جي شاعريءَ ۾ اهڙا لاڙا ملن ٿا، جن مان ظاهر ٿئي ٿو، ته هو سنڌ سان اونهيءَ اُمنگ سان پيار ڪري ٿو، ۽ اُن جي ڏتڙيل ماڻهن جي ڀلائي ۽ آجپي جي خواهش رکي ٿو.

سنڌ منهنجو ساهُ ۽ ويساهُ تون،
سنڌ منهنجي آهين منڙي ماءُ تون. ؟

تون سور سهين ٿي صدين ڪان،
آ سنڌڙي! توڪي جَس آهي.

سنڌ جي هاڻوڪيءَ صورتحال کي ڪهڙيءَ نه چِٽائيءَ سان بيان ڪيو اٿائين:

هڪڙي پاسي گوليون آهن،
۽ ٻئي پاسي ڪان پٿراءُ

هرڪو جلادُ ٿي ويو آهي،
ڪو به ناهي رهيو ڪُسڻ وارو.

مختيار ملڪ جي شاعري، پنهنجي ٽهي جي شاعرن وانگر، هِن دؤر، هِن صديءَ جي شاعري آهي، هو ڪلاسيڪي قبي ۾ قيد ٿي، در دريون بند ڪري نہ ويٺو آهي، پر هن ۾ نہ فقط وقت سان گڏ هلڻ، پنهنجي وقت کي پروڙڻ ۽ اُن جي اپٽار ڪرڻ جو فن آهي، پر ان کان اڳتي نهارڻ ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجي ساٿ کي مستقبل ۾ آڻڻ جو ساهس پڻ - هيٺيان شعر ان ڳالهہ جو ثبوت آهن.

پولارن ۾ پنهنجي وستي،
پنهنجا چنڊ ستارا رَستا،

ظاهر جيڪا آتم هتيا،
ڪَل نہ ڪنهن کي پسمنظر جي،

روشن وستي، اجڙيل واٽون،
لِڪُ انڊربس تہ منهنجي گهرَ جي.

اڄ اميرن جَي محل ۾ محفل،
ڳائجن ٿا فقير جا جذبا.

فون پيي ڊيڊ ٿي وئي آهي،
ڪيئن توسان خبر ۽ چار ڪريان؟.

تصويرن ۾ ويجهو ويجهو، پري پري پر هونءَ،
دوکو لينسَ سمورا آهن، ڪوڙيون ڪئميرائون.

ڪنهن سان نہ اوري حال سگهان،
هن نينهن کيو نروس آهي.

تنهنجي تَصويرَ اُن ۾ ڪئين رهندي؟
منهنجي دل جو فريم خالي آ.

مٿين شعرن ۾ نہ فقط اڄوڪيءَ زندگيءَ جا عڪس ۽ انهن جي اپٽار آهي، پر اُنهن جِي ٻولي ۽ محاورا پڻ اڄوڪا آهن. انگريزي گاڏڙ ٻولي اسانجي ٻوليءَ کي ڪاري ٿي، پر اها اڻ ٽر Unevitable حقيقت آهي. "ائڊريس" "فون" "ڊيڊ" "لينس"، "ڪئميرائون"، "نروس" ۽ "فريم" اهڙا انگريزي لفظ آهن، جيڪي اڄڪلهہ جي پڙهيل طبقي جَي روزانَي استعمال ۾ آهن. ۽ اُنهي پڙهيل طبقي جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي.

هاڻي اچون ٿا مختيار ملڪ جي اُنهن شعرن تي، جن ۾ ايڏي تہ اصليت آهي، جيڪا ڪنهن بہ شاعر کي وڏو شاعر بنائيندي آهي. اصليت نہ رڳو جذبن، اظهار، ماڳن، ٿاٽن، موسيقيت ۽ اسلوب جي، پر اها اصليت اهڙي آهي، جيڪا مٿي ڏنل مڙني "جُزن" کي ياڪر ۾ پري هڪ "ڪُل" ۾ سمائي ٿي.

هيٺيان بہ شعر مهاڪويءَ نارايڻ شيام جي اوچاين کي ڇهن ٿا. ان ۾ عڪسن جي اصليت ۽ نواڻ آهي.

منهنجو نهارڻ جيئن آواز،
تنهنجو مُرڪڻ جڻ پڙ لاءُ.

هِن عڪس ۾ "نهارڻ"، "آواز" ۾ تبديل ٿو ٿئي ۽ "مرڪڻ"، "پڙلاءَ" ۾.

پاٽيءَ کي جاڳايو ڇولين،
ڇولين کي پڙڪايو واءُ.

۽ انهن کان سواءِ هيٺيان شعر:

جڳ فنا آهي سچو،
محبتون رهنديون ڇڙيون.

مان صدين تائين ڳائيندس
تون پيار ڏئين هڪُ پل ڪٿي.

لوڪَ ڪي مُرڪڻ تہ سيڪاري ڇڏيو،
پاڻ لئہ ڳوڙها بچائي مون ڇڏيا.

چنڊ جان ياد تنهنجي اڀري ٿي،
درد جو ڏُنڌُ آ لهڻ وارو.

من جَي منڙي ماڻهوءَ جَي لئہ،
ڪوئي لفظ ڪسارو ڪونهي.

پير پريءَ جي ماڳ وڏن ٿا.
آءُ تڪو يا چنڊ تڪيرو.

مٿين شعرن ۾ اعليٰ انساني مُلهہ(قدر) بہ آهن، تہ انوکا عڪس پڻ.

مختيار ملڪ جَي غزلن جَي اڀياس جي پڄاڻيءَ تي هتي مان هڪ شعرُ ڏيندس، جيڪو هائيڪو رنگ سان ڀرپور آهي. اُن ۾ عڪس جو ڪمال آهي. اهو عڪس سَرءُ جي مند جو آهي، پر مختيار ملڪ کي "سَرءُ" جي لفظ کي ڪتب آڻڻ ضرورت ئي نہ آهي.

پن سمورا ڇڻي ويا پر،
وڻ تي رهجي ويو آڪيرو.

آڪيري جو رهجي وڃڻ، سرءُ جي نراسائيءَ جي سموري درد کي ختم ڪري ٿو ڇڏي ۽ زندگي جَي تصور کي اجاگر ٿو ڪري.

هيءُ تہ هئو مختيار ملڪ جي غزلن جو اڀياس. مختيار ملڪ، نارائڻ شيام ۽ اياز گل وانگرغزل سان تہ لنوَ لاتي آهي، پر هن ٻين صنفن ۾ بہ سٺو لکيو آهي.

وائي جي صنف ڪلاسيڪي آهي، پر ان ۾ بہ مختيار ملڪ اڄوڪيءَ دنيا جا موضوع آڻي اُن ۾ جديد فڪر کي سمائڻ جوڳو بنايو آهي. هيٺين سٽن ۾، مختيار ملڪَ غزل وارَي اسٽائيل ۾، رمزيت سان اڄوڪي ماحول کي وائيءَ ۾ آندو آهي:

گُهٽ گهٽي آ ٿي وئي،
موسم مٽايو،
سُک نہ آهي ساهہ کي.

سوڀيا ۽ سُرهاڻ ڪٿي آ،
واءُ ڇڏيا گل ڇاٽي.

پيار پڪيءَ جان پاڇا ڳولي،
جيون ٿيو جولاءِ.

وراڻيءَ آٽڻ جي خيال کان وائي ٻن قسمن جي آهي، هڪُ قسم اُهو آهي، جنهن ۾ هر دفعي پهرين سٽ ورجائڻ اجائي ٿي لڳي، ڇو ته اُن جو، وراڻيءَ اڳيان ايندڙ سٽ سان ڪو به واسطو ڪونه ٿو لڳي، ۽ رڳو گهاڙيٽي کي نباهڻ خاطر پهرين ٽلهه واري سٽ ورجائي ٿي وڃي. اهڙين واين ۾ جَي اها سٽ نه ورجائجي، ته اهي وڌيڪ سٺيون لڳنديون.

وائي جو ٻيو قسم اهو آهي، جنهن ۾ وراڻي، اڳ ۾ اچڻ واريءَ هر سٽ سان، معنوي لحاظ کان ٺهندي آهي، ۽ اُن جَي خيال کي هَٿي ڏيندي آهي. Re-inforce ڪندي آهي، ۽ ان ۾ وراڻيءَ جو ورجائڻ ٺهڪندڙ ۽ ٺهندڙ لڳندو آهي، اڇو ته مختيار ملڪَ جِي هڪ اهڙي وائي پڙهون. جيڪا ڪنهن به وائي جي شاعر جي ان جي هن صنف تي مظبوط گرفت جو ثبوت ٿي سگهي ٿي.

هن ساري سنبسار ۾،
اڻ ڪُٿ سندرتا،
او منهنجا سرتا !
سارا رنگ ۽ روپ مون،
توکان ئي ورتا !
او منهنجا سرتا !
ورهين کان وڇڙيل هئا،
پَل اندر پرتا !
او منهنجا سرتا !
مون نه پرائي نينهن مان،
نرمل نرملتا !
او منهنجا سرتا !

هن وائيءَ جي وراڻي، "او منهنجا سرتا" ، هر بند ڪان پوءِ اچاڻي، ۽ گهاڙيٽي جي پورائيءَ لاءِ پرنيءَ طور آيل نہ ٿي لڳي، پر ائين ٿو ڀانئجي، تہ ان وراڻيءَ کان سواءِ، هن وائيءَ جو هر بند اڻپورو آهي، ۽ اها هر بند جي خيال کي هٿي ڏني ٿي.

ترائيل سنڌيءَ ۾ پراڻو گهاڙيٽو آهي. اسانجي دؤر جي مهاڪويءَ نارايڻ شيام، سنڌي شاعريءَ کي بهترين هائيڪو ڏنا آهي. هُن جو هڪ هائيڪو نما ترائيل "جهلمل ڪنڊڙ حسين ستارن جي ميڙ ڏي جو ذڪر مون "بوند لهرون سمنڊ" جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي. اهڙو ئي هڪ ترائيل مختيار ملڪ جو بہ آهي جيڪو هائيڪو نما آهي :

ٿابي سان ويس گهاگهر ڇلڪي،
لــڳ ســمــورا پــاٽــيءَ لارون؛
شايد مون کي ڏسندي ڇرڪي-
ٿابي سان ويس گهاگهر ڇُلڪي.

ڪــاوڙ هــوندي ٿــورو مــرڪي،
شــرم سـمــايــل ڪــٽي نــهــارون !
ٿابي سان ويس گهاگهر ڇُلڪي،
لــڳ ســمــورا پــاٽــيءَ لارون.

سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئون ۽ ڪامياب تجربو- فرانسيسي صنف ترائيل، ۽ هندي ۽ سنڌيءَ جي گهاڙيٽي- ڇند ۾. فارسي بحر وزن تي تہ ترائيل نارائڻ شيام، شيخ اياز، هري لڳير، هريڪانت ۽ ٻين لکيا. پر ڇند ۾ ترائيل لکڻ جي نواڻ مختيار ملڪ ئي آندي آهي؛

سُڪي ويون پوکون پر آيو نہ پاڻي،
اڄ تــہ اڃايــل ڌرتــي، اُڏامــي وارِي.
سنڌ توسان ويل ٿيا ،ڇاڻي ۽ واڻي،
سڪي ويون پوکون پر آيو نہ پاڻي.

هِن ترائيل ۾ گهاڙيٽو دوهي وارو آهي، تہ قافيي جي سٽاءَ (Rhyme Scheme) ۽ سٽن جي ورجاءَ جي سٽا فرانسي صنف ترائيل واري.

هاڻي اچو ”هائيڪو“ تي. اها صنف اهڙي ته سولي ڄاتي وئي آهي جو غالب چواڻي ”هر بوالهوس نے حسن پرستي شعار کي“. ٽه سٽا، ٽيڙو، هائيڪو. هر اڻ شاعر پيو لکي- نه گهاڙيٽي جي خبر، نه ماترائن جو خيال، رڳو ٽي سٽون لکو، قافيو ملايو، هائيڪو تيار - پر مختيار ملڪ وٽ ايئين ناهي. هِنَ هائيڪو جِي فني ضرورتن جو اونهو اڀياس ڪري پوءِ ئي هائيڪو لکيا آهن. هن جا ڪجھ هائيڪو اڄوڪيءَ سنڌ جون تصويرون آهن.

اڪيـــــون اڪيليون،
خواب نه اورانگهي سگهيا؛
اُوچيون حَـــويليـــون.

نيٽـــن هـــاريا نيـــر،
ڪو نه هٿئينءَ تون ڪمري ۾؛
تنهنجي هُئي تصوير.

ڳوڙهي سڄـو شهـــر،
جتـــي رات سمهــي رهيــس؛
نڪتـــو تنهنجـــو درُ.

اُف ڪيڏي ســـردي؛
هڪ محافـــــظ بيٺـــو آ؛
فـــوجـــي بـــا وردي.

سمنـــڊُ پيـــو گـرجي،
چـــانـڊوڪيءَ ۾ مون ڏٺـو؛
چنـــڊ پيـــو تـڙڦي.

اک کُلي ويئي،
مالها سندر سپڻ جي؛
ڇڻ تہ ٽُٽي ويئي.

اک لڳي ويئي،
سپني ۾ هڪ سندري؛
نيٺ ملي ويئي.

آخري ٻن هائيڪن ۾ مختيار ملڪ جي هائيڪو حس Haiku Sense ڪمال تي آهي.

ان ڪانپوءِ مختيار ملڪ جا نثراٽا نظم آهن. هيءَ هڪ خطرناڪ صنف آهي. خطرناڪ صنف انڪري، جو هن صنف ۾ ”تِر جي گُٽي سئو چوٽون ڪائي“. نثراٽي نظم جا بي انداز شاعر پيدا ٿي ويا آهن. پر ان صنف جي فني ضرورتن. لفظي ردم ۽ معنوي ردم جي خبر ڪِن ٿورن کي آهي. هن صنف ۾ بہ ڪيترا ئي، اڻ شاعر، پيا لکن.

مختيار ملڪ جا نثراٽا نظم ”جوا“ ”اڪيون ۽ رومال“ لڳ ڪٽي“ ماٺهو“ ۽ منهنجي وجود“ ۽ ٻيا سچ پچ تہ نظم آهن. توڙي جو اهي نثر ۾ آهن. انهن لکڻين جي لفظي ردم ۽ معنوي ردم تي غور ڪيو- انهن کي وري وري پڙهو، نثراٽو نظم پنهنجين سمورين خوبين سان نکري ايندو.

مختيار ملڪ جي شاعريءَ جو هيءُ مجموعو، هن دؤر جي سنڌي شاعريءَ ۾ نہ فقط هڪ ”اڳتي قدم“ آهي پر هڪ اهم اڳتي قدم آهي. مونکي اميد نہ پر پڪ آهي، تہ سنڌي شاعري مختيار ملڪ ۽ سندس ٿهيءَ جي شاعرن سان اڳتي قدم وڌائيندي رهندي.

تنوير عباسي
سرمد جو گهر،
خيرپور.
۷ جولاءِ ۱۹۹۴ع

جیون پل اَپل

غزلَ

SOORIH SINDHI ADAB

مونکي تنها ڏسن پيون راهون،
تنهنجو هر هر پڇن پيون راهون.

جنهن گهڙيءَ کان ٿيو وڇوڙو آ،
توڏي منهنجون تکن پيون راهون.

تيز طوفان دل جي صحرا ۾،
بس ٿهن ۽ ڊهن پيون راهون.

مون ڪٿان کان سفر ڪيو آهي؟
هي ڪٿان کان اچن پيون راهون؟

ماڳَ تي مان رَسي ويو آهيان،
پر ڇو اڳتي وڃن پيون راهون.

توکي سارڻ، اچي وڃڻ تنهنجو،
دل جون دل سان ملن پيون راهون.

ڪيڏو چُپ چُپ اسان رهيا آهيون،
بُت پٿر جا ٿي پيا آهيون.

پاڻَ کي پاڻَ ئي ته ٺاهيو سين،
دوست! جنهن وقت پي ڍهيا آهيون.

تنهنجَي نيڻن جو نشو آهي يا،
چاهُ ڪجهه سرسُ پي ويا آهيون.

هُن ٿي پرچايو ۽ رٺا سين اسان،
پاڻَ ڪيڏو نه ٻي ڇيا آهيون.

”هو ته آيو ٻه ۽ ويو موٽي!“
لوڪ ڪان ٻچا ٻڌي رهيا آهيون.

پاڻَ! مختيارَ ڏُکي هوندي پي،
درد وارن جي لئه ڏَيا آهيون.

سرهاڻين سان ناتو جوڙي،
هرڻيءَ وانگر دل تي ڊوڙي.

اجا بہ خوشبو تو ڦهلائي،
گل آهي ڪومايل توڙي.

سايائن جي سُڌ ڏين تا،
شاعرَ ماڻهو سپنا جوڙي.

اندرَ منجهہ اُهاءُ تيو آ،
ٻاهر ويو آ ڏُنڌُ وَڪوڙي.

واچوڙا ٻي ڪين سکيا هن،
پيار جِي راهہَ تان مونکي موڙي.

سونهَن نگرَ ۾ سَوئِي رهندو،
نفرت سان جو، ناتو ٽوڙي.

دل جڏهن ڪان ٻه توکي آ سارڻ لڳي،
گوندرن ۾ تڏهن ڪان ڳُذارڻ لڳي.

ڪالهه مونکان سوا، هُن جي گذرِي نٿَي،
اڄ اڪيلي اڪيلي ٻه گهارڻ لڳي.

اُن ڪان وڇڙڻَ جا ڪارڻَ پڇڻُ بي سبب،
پاڻَ جيڪا اسان کي وسارڻ لڳي.

گڏ هئي هوءَ جڏهن، ڪجهه ڪُڇِي ڪونہَ ٿي،
ڇو وڇڻ ويلَ گهوري نهارڻ لڳي؟

ظاهري مون کي نفرت سان ڏسندي هئي،
نند ۾ منهنجو نالو اُچارڻ لڳي.

ڏوهہُ مختيارَ! ڪهڙو ڏجي ٻين مٿان؟
پنهنجِي دل ئي اسان کي ڏڪارڻ لڳي.

عَجب اي دوست اڄوڪي تي موڪلائي آ،
نہ مُرڪ آهي چپن تي، نہ اک ۾ پاڻي آ.

اسان ملياسين وري، اڄ بہ اجنبين وانگي،
اسانجي توڙي سڃاڻپ گهڻي پُراڻي آ.

سفر حيات جو گذري پيو ته پيڙا ۾،
اسان جي زندگي ڄڻ درد جي ڪهاڻي آ.

نَڪو جيئڻ ته اڃي ۽ نہ ڪو مرڻ ته ٿئي،
نہ ڪائي ابتدا آهي، نہ ڪا پڄاڻي آ.

تي ڪوڙَي وعدي تي ويساهُ هوءَ ڪري ويهَي،
اسانجي دل بہ اسان وانگي ئي اياڻي آ.

يـــاد آهـــن ســـپ گــهڙيـــون.
مـــنـــڙيـــون پـيـاريـون ۽ ڪَـــڙيـــون.

تـــون نـہ تـــي وســري ســگهيـن،
ذهـــن ۾ يـــادون جـــڙيـــون.

جـــڳُ فَــــنــا آهـــي سـچـــو،
مـحـبـــتـون رهـنـديـــون چـــڙيـــون.

مُـــرڪنــدي وڇـــڙڻ گُـــهـــريــــو،
ڳَــلَ تـــي بـــونـــدون ڳـــڙيـــون.

تـــون بـہ ڀـــوڙو اُپَ جيــــان،
ڪـيـئن ڀـڏيـن منـهـنجون رڙيون؟

پيــــار جـــو ڀـــاري ڏيـــئـــو،
زنـــدگيـــون ڪـيـئـي سَـڙيـــون.

❋

ڪونھن يَار ڪسارا ڏُکَ،
آھن امرتَ ـ ڌارا ڏُکَ.

منھنجيءَ دل ۾ رھجي ويندا،
ساجنَ! تنھنجا سارا ڏُکَ.

توکي راس اچن شلَ خوشيون،
مونکي ڏاڍا پيارا ڏُکَ.

دوستَ خوشيون جان ڏينھن ٻہ ٽي،
صدين جا تہ سھارا ڏُکَ

منھنجَي لاءِ مسيحا آھن،
مونکي گھائڻ وارا ڏُکَ.

توکي شايد چئن ملي پئي،
ڏي مونکي واڌارا ڏُکَ.

لُڙڪن ھاڻا نيڻ سدائين،
نينھن جا ھِن نيارا ڏُکَ.

✽

گُلَ جو گُلَ سان ٽيو ٽڪراءُ،
ڏسُ ته هوا ۾ ڇا ته هڳاءُ.

ماڪَ نمايان پنَ پنَ تي،
موتين جو ڇڻ آهه نماءُ.

چاهت جو اُڀري ٿو چنڊُ،
گهگهه ۾ پَئجي ويو آ گهاءُ.

منهنجو نهارڻ جيئن آواز،
تنهنجو مُرڪڻ ڄڻ پَڙلاءُ.

پوپٽَ پويان ننڍڙا ٻار،
پوپٽَ جو گُلَ ساڻ لڳاءُ.

پاڻيءَ ڪي جاڳايو ڇولين،
ڇولين ڪي ڀڙڪايو واءُ.

هڪڙَي پاسي گوليون هِن،
ٻِي پاسي ڪان پٽراءُ.

نينهَن جو هي نگر،
اج لڳي ٿو زهر.

ماڳَ جَي ها الڳ،
ڇو ٿِيَئو همسفر؟

توکي بنگلا کپن،
مون کي سادو ڇپر.

ڏکَ وسرن جتي،
سوئي سڏبو آ گهر.

توکان اڳ ٻه هيو،
اج ٻه هيڪلِ سفر.

بددعا ئي ڏيو،
هر دعا بي اثر.

*

توڏي پـهچـڻ وارا رسـتـا،
ڪـنـڊا ڪـنـڊا سـارا رسـتـا.

پـولارن ۾ پـنـهـنـجِي وسـتـي،
پـنـهـنـجا چـنـڊ سـتـارا رسـتـا.

دنـيـا پـٽـر اُڇلائـيـنـدي،
ڪـيـڏا هـي وبـچارا رسـتـا.

ڪَرڪِي ڪـونج ڳَهيلي ڳولَي،
وچـڙيـلَ وڳـرَن وارا رسـتـا.

اڪـيـون بـوٽـي، پـنـڌِ پـيـاسـي،
بـٺجي ويـا مـونجهـارا رسـنـا.

پيڙا ڄاڻي ڪيئن اَندرَ جِي،
جنهن جي هوندي دل پٿرَ جِي.

ڪنهن لئہ پارس، ڪنهن لئہ پٿر،
ڳالهہ تہ آهي نظرَ نظرَ جِي.

ظاهر جيڪا آتم - هتيا،
ڪا َ نہ ڪنهن کي پسمنظرَ جِي.

روشن وستي، اجڙيلَ واٽون،
لِکُ، ايڊريس تہ منهنجي گهرَ جِي.

دردُ دوا جي، قابل آ پر،
نيت ناهي، چاره گرَ جِي.

ساٿ سهاڻا، جهورِن جيءَ کي،
سگهہ نہ ساريان نئين سفرَ جِي.

سڀ کي پنهنجَي گهرن پچائي،
واٽ وساريئين پنهنجَي گهرَ جِي.

❁

زندگيءَ ۾ خوش گُذارجَي،
دردُ دل اندر نہ ڏارِجَي.

ڪيتريون بہ اذيتون ملن،
هانءُ پر ڪڏهن نہ هارِجَي.

پاڻَ ۾ وري ملي پئون،
رنجشن کي ڪجهہ وسارِجَي.

ڪوئي جَي تنهنجو پڇي جڏهن،
من تڏهن تہ مُنهنجو هارِجَي.

جنهن بنا جيئڻ هيو ڏکيو،
تنهن سواءِ ڪيئن ٿو گهارِجَي.

دل چيو تہ ”زهر پي ڇڏيان“ ،
چاهتن تان جيءُ وارِجَي،.

❁

ڪيترو مون سان ڪرين اَنياءُ تون!
دشمن جهڙو رکين ورتاءُ تون!

تو بنا تارا به تنها ٿا لڳن.
چنڊَ! تن جَي لاءِ موٽي آءُ تون!

سنڌ منهنجو ساهُ ۽ ويساهُ تون،
سنڌُ منهنجي آهين منٺڙي ماءُ تون!

منهنجي وس ناهي رهيو منهنجو جيئڻ،
ايترو گهرو ڏئي ويئين گهاءُ تون!

هر دفعي پرچائڻو مونکي پيو،
جڻ نہ ٿِي چاهين ڪڏهن پرچاءُ تون!

پيارَ مان توکي پڪاريو اڄ بہ دل،
پنهنجَي هينئڙَي ۾ ٻُڌين پڙلاءُ تون!؟

*

دل تي اُڪرڻ اُڪير جا جذبا،
پيارَ جَي هڪَ اَسيرَ جا جذبا.

اڄ اميرن جَي محلَ ۾ محفل،
ڳائجن ٿا فقيرَ جا جذبا.

توکي ارپيان ٿو شاعري پنهنجي،
شل قبولين حقير جا جذبا.

ڪنهن تصور جي روشني هَلڪي،
رقص ڪن ٿا سرير جا جذبا.

نينهَن جو مينهُن ڇڻ وٺو آهي،
منهنجي ساٿي * نصير جا جذبا.

خود فريبيءَ ڪان جَي نه ها خالي،
ڪوڪلا ڪنهن امير جا جذبا.

*

* نصير مرزا

تون ٻـهـران ڇا ڏسـي رهـيـو آن؟
مـان انـدران ٽـي ٽُٽـي رهـيـو آن.

پـرڇائـيـنـدو كـيـرُ اسـان كـي؟
هـر هـر ڇـالـئـ رُسـي رهـيـو آن؟

جئـن جـو آيـس مـان مـحـفـل ۾ ـ
تـكـڙو ٻـاهـر وڃي رهـيـو آن؟

كـهـڙَي مـسـتـقـبـل جـون ڳالـهـيـون؟
كـنـهـن پـاڳل كـان پـڇي رهـيـو آن؟

آيـو هـان پـرچائـڻ تـوكـي،
پـر تـون مـون كـان لـكـي رهـيـو آن؟

كڏهـن بـ مـونـكـان پـرَي نـ آهـين،
مـنـهـنـجيءَ دل ۾ وَسـي رهـيـو آن.

مون لئہ کھڙو رايو جوڙيئہ،
پھريون پيرو ملي رهيو آن؟

باهہ ۾ پاڻيءَ وچ ۾ هوندي،
ڇا سوچيندي وڏي رهيو آن؟

سيئي ماڻهو سُتا پيا هِن،
تون ڪوتائون لکي رهيو آن.

❁

”ڪيڏو توسان تو آنءُ پيار ڪريان“،
هڪُ نہ پر تو هزار وار ڪريان؟

ڪجھہ گھڙين جو بہ جنهن ڪان قرب مليو،
اُن کي پنهنجن ۾ تو شمار ڪريان.

پيار جو سلسلو نئون ناهي،
مان تہ اُن کي تو برقرار ڪريان.

مون کي هوءَ جا ڪري وئي هيڪل،
اڄ بہ اُن جو تو انتظار ڪريان.

جيترا ڀي جنمَ مِلن مون کي،
هر جنمَ تو مٿان نِثار ڪريان.

فونُ ڀي ڊيڊ ٿي وئي آهي،
ڪيئن توسان خبر ۽ چار ڪريان؟

پنهنجا دردَ لڪايون ڪيئن، ؟
ڪوڙي مُرڪَ سجايون ڪيئن. ؟

نيڻن تي ٿا تري اچن،
پنهنجا لُڙڪ لڪايون ڪيئن؟.

سورن کي ئي ساٿي سمجهيو،
خوشيون اچانڪ آيون ڪيئن؟

پيار تي پهرا سڀُ اَجايا،
دنيا کي سمجهايون ڪيئن؟

پاڻَ تہ ماٿو پٽڪيل پر،
دنيا کي دڳ لايون ڪيئن؟

وکريل سپنا، اُلجهيل سوچون،
وِياڪُل مَنُ پرچايون ڪيئن؟

رنو وٽي سڀ کان مختيارُ،
اُن کي اَڄُ پرچايون ڪيئن؟

ڏونگرَ جو جتي پيو ڏسُ آهي،
اوڏانهن ئي اسانجو گسُ آهي.

ساپيا ۾ ملڻ نامـمڪن جَي،
سپنن تي تہ پنهنجو وسُ آهي،

جيون جي کهاڻي ڪيئن لکان؟
جيون ۾ نہ ڪوئي رسُ آهي.

مُرڪُن ۾ اسانجي منزل آ،
گوندرَ ۾ اسانجو گسُ آهي.

ڪنهن ساڻ نہ اوري حال سگهان،
هنَ نينهَن ڪيو نروس آهي،

تون سورَ سهين ٿي صدين کان،
او سنڌڙي توکي جَسُ آهي.

❁

دردن ڀريءَ دل ساڻ ٻـ جهومڻ نچڻ ڪپي،
ٿوري خوشي ۽ ٿورڙو غم ڀي مِلڻ ڪپي.

گڏجي گذاريو آهي اسان ڪيترو گهڻو،
ڪجهہ ڪجهہ ٻَري رهڻَ جي سزا پڻ اچڻ ڪپي.

محفل ۾ سازُ سانت جو آهي ڇِڙي پيو،
هاڻي ضرور شعر ڪو توکي چوڻ ڪپي.

دنيا جو ذڪر روز پيا تا ٻُڌون پرين،
احوال اَڄ اُوهانجو اسان کي ملڻ ڪپي.

ڇڙون ڪري ٿو پنهنجو پراون سان جو وِهي،
کهڙو لُڇڻ ڪپي ڀلا کهڙو پُڇڻ ڪپي.

❋

پيارَ کان ڪوڪلو ۽ خالي آ،
هُن جو جيون سمورو جعلي آ،

تنهنجي تصويرَ اُن ۾ ڪٿين رهندي؟
منهنجي دل جو فريم خالي آ.

هڪڙو پل پيارُ ٻي گهڙي نفرت،
هُن جي فطرت ٻه ڪجهه نرالي آ.

پنهنجي منزل جو هڪ طويل سفر،
زندگي جستجو ۾ جالي آ،

جنهن جو اخبار جِي پڙهيئين سُرخي،
چانهه جي هَٽ مان ڪري پيالي آ.

*

ياد تنهنجي جڏهن بہ ايندي آ،
منهنجي غم ۾ شريڪ ٿيندي آ.

مان اُتي روز روز ويندو هان،
تا چون هوءَ هِتي بہ ايندي آ.

هر شڪايت تڏهن وڃي وسري،
پيار ٿورو جڏهن بہ ڏيندي آ.

منهنجو هوءَ چِئن ۽ سڪون ڪٿي،
مونکان ڪاوڙجي ڪڏهن ويندي آ.

موت آهي يا زندگي آهي؟
مونکي هوءَ پاڻ سان نيندي آ.

توکي ڏاڍو ڳولي ڳولي موٽيو آهيان،
نازڪ جذبا رولي رولي موٽيو آهيان.

منهنجي اندر منجهه اوهان جو اوسيئڙو آ،
دل جي در جو تالو کولي موٽيو آهيان.

جڻ تہ سچي پنيور کي آهي باهه لڳي ڪا،
سچائيءَ جا ٻول بہ ٻولي موٽيو آهيان.

ٿورو سوچين تہ ھا ڪجھہ لڪائڻ مھل،
راز رھندو نہ آ نينھُن لائڻ مھل.

ڇڻ وڇوڙي ۾ ڪائي خوشي آ لڪل،
مُرڪَ ڇھرن مٿان، موڪلائڻ مھل،

ذھن تان ياد تُنھنجي نہ مِٽجي سگھي،
پنھنجَي ماضيءَ جو سڀڪجھہ ڀُلائڻ مھل.

ھڪَ رڳو تنھنجِي اڻ ھوند ياسي اٿم،
پِنھنجَي ڪمري کي پورو سجائڻ مھل.

ٻي ملاقات جي دل ۾ اُڻ تڻ وري،
مُرڪندي مُرڪندي موڪلائڻ مھل،

پاڻَ کي پڻ وساري مون آھي ڇڏيو،
زندگي! توکي مشڪل سان پائڻ مھل.

ھوندي تہ مختيارُ جڳ ۾ ھيو اجنبي،
ٿي ويو آشنا توکي پائڻ مھل.

✵

پيار ڳوليـن پئـي!
ڏاڍو اوکـو اٿئـي!

تـون پئي مُرڪجان،
دل جـڏهن پـي ڏکئي!

ڏاڍَ ڪان ڏکُ نـہ تـون،
سچ چـئـجـان پئـي!

ڪلفـتـون ئـي ونـي،
قـرب وجـجـان ڏئي!

لـوڪُ هـيءُ پـيـد آ،
جـڳُ پـرولـي اٿئي!

دل نـہ تون هـارجـان،
جَـي نـہ منـزل مِـلـئي!

شـال مـوتي اچَـي،
راه پُـلـجِـي وئـي.

✽

دل تہ گھبرائي بي سبب آهي،
هيءَ نراسائي بي سبب آهي.

دردَ ۽ دکَ تا دل کي وندرائن،
هونئن اکيلائي بي سبب آهي.

"منهنجي هوءَ ئي تہ ڪائنات آهي"
ڳالھہ ٻي ڪائي بي سبب آهي،

وقت تي جا نڪتي سَلي سگھجي،
اهڙي سچائي بي سبب آهي.

ڪئن سَکيءَ ڪانسوا گھڙيون گذرن،
چانڊني آئي بي سبب آهي.

گڏُ بہ هوندَي نہ ٿي سگھي منهنجي،
هُن سان پنهنجائي بي سبب آهي.

❁

ڪي پهر گذاريا هونداسَي،
۽ ٿڪ لڳايا هونداسَي.

ڪجھ واعدا واعدا رهجي ويا،
ڪي توڙ نڀايا هونداسَي.

ڪنهن من جي منزل ماڻڻ لئه،
ڪي پنڌ پُڄايا هونداسَي،

ڪنهن راهَ ۾ رُلندَي پاڻَ ٻنهين،
ڪي پُورَ پَڄايا هونداسَي،

ڪنهن واٽ تي وڇڙي ڪاوڙ مان،
ڪنهن موڙ تي مليا هونداسَي،

اڄ ڏور رهون مختيار پيا،
ڇا ان لئه ڇايا هونداسَي،

اڄ تون ۽ مان هڪ ئي آهيون،
ڪنهن وقت پَرايا هونداسَي.

✻

منهنجَي هٿ ۾ گُلُ ٽڙيل،
تو وٽ پٿر آهه ڪنيل.

هر ڪوئي خوشيون چاهي،
دردُ ـ اڪيلو ۽ پٿڪيل.

توکي ياد ڪندو آهي،
توکان جو آهي وسريل.

سورَ اهوئي ساڳو آن،
ڏاڍو آهين پر بدليل.

گيتُ خوشيءَ جو ڄاتو سَي،
اُن ۾ پي هو دردُ پريل.

شهرَ جون سڀ سنسان گهٽيون،
ماڻهو ماڻهوءَ کان وڇڙيل.

پهريون پيرو مليا سين،
پانيون اڳُ به ته آهيون مِليل.

توکي ئي پيار مان ڪرڻُ وارو،
تنهنجَي لئہ جيئڻَ ۽ مرڻَ وارو.

مون کي هي انتظار کھڙو آ، ؟
توڙي ڪوئي نہ آ اچڻ وارو.

چندَ جان ياد تنهنجِي اُڀري ٿي،
دردَ جو ڏندُ آ لَهڻ وارو.

هرڪو جلادُ ٿي ويو آهي،
ڪو بہ ناهي رهيو ڪُسڻ وارو.

پيارَ جي آس ٿو رکي مون مان،
مونکان هو ڏار ٿي وڃڻ وارو.

آزمائي ڏسو ستم سارا ئي،
مان تہ ناهيان ڪڏهن جهڪڻ وارو.

دل جي تارُن کي تيز ڇيڙ نہ تون،
سازُ مختيارَ آ ٽُٽَڻ وارو.

❁

گذري گهڙِي گهڙِي او سُپرين!
ڪيڏي مني ڪڙِي او سُپرين!

نيڻن سات ڏنو ڳوڙهن سان،
شايد دل پئَي رڙي او سُپرين!

پيارُ ته هڪ پيرو تيو هو،
گهاوَ چو گهڙِي او سُپرين!

ڪُني ڪنواري ڪاري سڏجي،
جوبنَ جنگ لڙِي او سُپرين!

ويندَي ويندَي وئين وساري،
پنهنجِي ياد چڙِي او سُپرين.

سندرتا جَي سپنن پويان،
منهنجِي جاڳَ جَڙِي او سُپرين!

تون جو وئين هر خوشي هلي وئي،
ڳوڙهن منجهه ڳڙِي او سپرين!

توڙي ڪو بہ سهارو ڪونهي،
پوءِ بہ ڪو مونجهارو ڪونهي.

چاندوڪين ۾ جهڪو نہ ٿئي جو،
اهڙو اُڀ ۾ تارو ڪونهي.

پنهنجو جيونُ اهڙو ساگر،
جنهن جو ڪوبہ ڪنارو ڪونهي.

تنهنجي دل تي پهچڻ تائين،
چاهہَ بنا ڪو چارو ڪونهي.

سونهَن لِڪائي سارَي جڳ جي،
اهڙو ڪو انڌيارو ڪونهي.

منَ جَي منڙَي ماٺوءَ جَي لئہ،
ڪوئي لفظ ڪسارو ڪونهي.

جنهن جي دل ۾ ڏک جو ڏيرو،
اُن لئہ کهڙو سانجهہ سويرو.

پيرَ پرينءَ جَي ماڳ وڏن ٿا،
آءُ تکو يا چنڊ تکيرو؟

پَنَ سمورا ڇڻي ويا پر،
وڻَ تي رهجي ويو آکيرو.

چاهت جي چانڊوڪي جنهن ۾،
ڇئبو مَنُ اُهو ڪيئن ميرو!

ڪلهہ جنهن سَرَ تي هنج هوندا ها،
اڄ اُت ڪانون جو ڪانگيرو.

گندَي پاڻيءَ ۾ گُل ڇاوا،
هونءَ تہ ڏپ جو آهي گهيرو.

❋

توکي ڏسندَي هاٿي وينو، هي سوچيان ٿو آئون،
سپني کان وڌ سهڻيون آهن، مُنهنجون ساٿيائون.

ماکَ ماکَ تي مات ملي ۽ موڙَ موڙَ ماتارَ،
پوءِ ٻه دل جَي ڏنل شهرَ تي، جرکن آشائون.

تصويرن ۾ ويجهو ويجهو، پري پري پر هونئن،
دوکو لينسَ سمورا آهن، کوڙيون ڪئمرائون.

ٻري ٻري جيئن لالٽين جو کارو ٿي ويو ڪائو،
پنا ڪري ايئن کارا سارا، چمڪن ٿيون رچنائون،

جن هٿڙن هو پاڳن جي لئه، گهٽوئي پاڻُ پتوڙيو،
پاڳ سياڳ جون اُنهن هٿن تان، مٿجي ويون ريکائون.

طوفانن جو ويرُ آ کهڙو، منهنجيءَ دنيا سان؟
مون کي وِکيري ويندیون آهن، اڪثر تيز هوائون.

❃

هي جيون پلُ اَپلُ ڪٽي،
تون مانجهي ٻڄي هلُ ڪٽي.

ٿو موتين کي پڻ مات ڏئين،
تون ڳوڙهن هاٽو ڳلُ ڪٽي.

مان گيت ٿو ڳايان خوشين جا،
منُ منهنجو آ گهايلُ ڪٽي.

مان صدين تائين ڳائيندس،
جَي پيارُ ڏئين هڪ پلُ ڪٽي.

جي مُرڪي ملڻ ٿو چاهين،
پوءِ ڪاوڙ مان ئي ملُ ڪٽي.

مان جيونَ جو اسڪيچ ٺهيان،
تون رنگَ ڀريندو هلُ ڪٽي.

❋

اڄ تڙي پئي مڪڙي آهي،
ڪيڏي خوشبوءِ پکڙي آهي.

منهنجي ڏک کي ڪونہ سڃاڻئہ،
تنهنجي الفت ڪهڙي آهي؟

قسمين قسمين درد رهن ٿا،
پر منهنجي دل هڪڙي آهي.

ڪمرو ٿي ويو چوڙيون چوڙيون،
ٻانهن مون تنهنجي پڪڙي آهي.

تيز ويو ٿي دل جو ڌڙڪڻ،
نظر نظر سان وچڙي آهي.

پيار ڪرڻ جي خطا ٿي مون کان،
توکي ڇو ٿي ڦِڦڙي آهي.

ڏکَ صدين جا ڀوڳي پيئي،
وهي جا توڙي نندڙي آهي.

❁

زندگي جبل پي آهي لوڪو!
زندگي چڻ تہ واءُ جو جهوٽو.

سازَ جِي ماٽ ۾ صدا آهي،
منهنجي تارُن کي ڪاش ڇيڙي ڪو.

تنهنجي هر ياد ذهنَ منهنجي ۾،
چڻ تہ احساس آهي خوشبوءَ جو.

گيت مان هيڪلو پيو ڳايان،
چڻ تہ ڪو ٻيو بہ مونسان ڳائي ٿو.

مون چيو هو تہ ”تو کان سهٽي آ“
تو اُنهيءَ مورتيءَ کي ڊاهيو هو.

پيار جو ٿو ڪرين پيو سودو،
پاڻَ کي پاڻَ ٿو ڏئين گهوگهو.

جَي ڪنهن جِي تات ٿي لڳي،
نہ رات رات ٿي لڳي.

نہ ڪا خوشي، نہ ڪوئي غم،
عجب حيات ٿي لڳي.

اچا نہ آيو آهي هو،
اُداس رات ٿي لڳي.

دل ۾ طوفان دڪن جو،
۽ مُک تي مات ٿي لڳي.

هي گهاءُ ناهي ڪو پرين!
سنڌ سوغات ٿي لڳي.

اُماسَ ۾ بہ سوجهرو،
ڪوءِ جي ڏات ٿي لڳي.

وري توڙي موتي اچي ويون بهارون،
اجا تائين پنَ ڇڻَ جون آهن پَچارون.

اوهان ئي ويا ساٿُ آهيو وساري،
پلا لوڪَ تي پوءِ ڪهڙيون ميارون؟

اسان دل جي دنيا مان نڪري وڃون ڇو،
وڃن دور تائين پلا ڇو نهارون؟

مِلو ٿا تہ چَپَ پي چُرن ٿا نہ مُنهنجا،
وَڃو ٿا تہ آهن اُهيئي پُڪارون.

اسان ڪيئن ڪنهن جا پلا ٿي سگهون ٿا؟
اسان وٽ نہ بنگلا، اسان وٽ نہ ڪارون.

تنهنجَي چهري ۾ لکل آ ڪوئي غمُ،
جڻ تہ ڪنهن گمنام شاعر جو نظم.

نيرِي نبَ تي ڪارا بارودي دونهان،
تين مهَا ياري لڙائيءَ جو جنمُ.

زندگي جي لاءِ آهي دردُ - ڏکُ،
دوستي پوءِ بہ اسانجو آ ڌرمُ.

ڦهڙي رُت ۾ بہ چٽن چو پنکڙيون،
رک بسنتي واءُ ! گلڙن جو ڀرمُ.

تو مٿان اڪثر ڪيو مون اعتبار،
ڪيئن ڇاڻان ڪوڙُ هو تنهنجو قسمُ؟

*

پيارَ جا ماڻڪ ورهائي مون ڇڏيا،
پهرَ جيون جا لُٽائي مون ڇڏيا.

لوڪ کي مُرڪڻ تہ سيکاري ڇڏيو،
پاڻ لئہ ڳوڙها بچائي مون ڇڏيا.

منهنجَي ئي ڇهري پئي توکي ڏَسيا،
راز تُوڙي جو لِڪائي مون ڇڏيا.

تو ڏنا مون کي، ڏکاريان ڪئن پلا؟
سورَ سيني ۾ سَمائي مون ڇڏيا.

وقت تَي هڪڙو بہ مونسان ڪو نہ هو،
دوستَ سارا آزمائي مون ڇڏيا.

محبتون جئن جئن جَهڪيون ٿينديون رهيون،
فاصلا تئن تئن گهٽائي مون ڇڏيا.

گڏجي رهندي بہ آ اڪيلائي،
توسان چو ناهي ٿي شناسائي.

انتظارن جا پهر ڪيڏا هِن،
پر ملاقات پَلَ ڪي ٿورا ئي.

مان وڙهڻ ئي نٿو گهران توسان،
پوءِ بہ مونساڻ محاذ آرائي!

پنڪڙين تي بہ بي سڪون هُئين،
مون ڪي ڪنڊن تي ننڊ پڻ آئي.

مون ڪي تُنهنجو وٽين ٿو چنچلپڻ،
مون ڪي پائنين ٿي تُنهنجي پورائي.

چو اڪيلو اڪيلو تون ڳائين پيو، ؟
ڪنهن کي آتم ڪهاڻي ٻڌائين پيو. ؟

تو کي پرکڻ بنا مون تہ پنهنجو ڪيو،
تون اڃا تائين چو آزمائين پيو؟

سونهن تنهنجي سندم ماڳَ جو پيچرو،
نينهنَ وارن کي ڇا لئہ ڀُلائين پيو؟

ڪو بہ رستو وڃي ئي نٿو ماڳَ ڏي،
هاءِ رهبرَ ! اجايو رُلائين پيو؟

آءُ ڏي دردَ مون کي تون پنهنجا پرين!
دل کي ڇا لئہ ايئين تون ڏکائين پيو؟

پيار جو ناتو نڀائي ٿو پيو،
انتظارن کي نڀائي ٿو پيو.

ڏنڌُ پيڙائن جو گهٽجڻ آ لڳو،
ڏات جو ڏيئو جلائي ٿو پيو.

هڪڙي ئي صدمي سان هو ساريون خوشيون،
پنهنجي ڳوڙهن ۾ وڃائي ٿو پيو.

رُت بسنتي اڄ لڳي ٿي اجنبي،
مَنُ خزان جا گيتَ ڳائي ٿو پيو.

هُن جَي اندرَ ۾ ڪا اُڻ تُڻ آ ضروري،
هَن جو مُرڪڻ ئي ٻڌائي ٿو پيو.

سازَ جي مستيءَ ۾ ڪو آهي مگن.
زندگيءَ جا راڳَ ڳائي ٿو پيو.

❋

اجا ڪو نہ سمجهي، اجا ڪو نہ ڄاڻي،
خبر ناهي ٿيندو، وري ڇا سياڻي.

وري پيار لُٽبو، نين نفرتن سان،
ڏسو ڪير بيٺو آ، بندوق تاڻي،

پيئن ٿيون پيون زندگيون زهرَ پيالا،
اُنهن لاءِ ڪوئي تہ امرت بہ آڻي.

سَڄي ڏيهَہ ۾ تنهنجو ڏهڪاءُ آهي،
اڙي ڏاڍَ! تو ڪي زمانو سُڃاڻي.

ڪيون نينهَن نادان، ڪيئي حياتيون،
نہ مومل ٿي ماڻيو، نہ ڪِي پاتو راڻي.

نڪو آهي ساٿي، نڪو آهي سنگتي،
بنا ڪنهن سهارَي، گذارِيون ٿا هاڻي.

اجا آس جي جوت جيءَ ۾ جلي ٿي،
وڃايل ڪي وٺبو وري نيٺ ماڻي.

جڏهن بہ توکان ڏور ٿياسَي،
بيحد چِڪنا چُور ٿياسَي.

ٿهندا ڍهندا رهندا آهيون،
پل اَپل مجبور ٿياسَي.

ڳاٽ اسانجا اوچا اوچا،
ارڙا جيئن منصور ٿياسَي.

لُٽجون پيي ٿا، چُپ بہ آهيون،
ايڏو اچ مجبور ٿياسَي.

ڪُجهہ بہ نہ هوندي سڀڪُجهہ آهيون،
الفت سان ڀرپور ٿياسَي.

چنگ وڄن ٿا، رنگ رچن ٿا،
محبت ۾ مسرور ٿياسَي.

●

تو بنا اڄ قرار ڪهڙو آ،
دل متان اختيار ڪهڙو آ.

اڄ تہ ڪوئي بہ ناهي اچڻو پر،
مون کي هي انتظار ڪهڙو آ؟

مان روئان ٿو تہ هوءَ کلي وڃي،
هُن جو ۽ منهنجو پيار ڪهڙو آ.

ڏور ڪوئي ٿيو هجي جنهن کان،
تَنهن کي مِلندو قرار ڪهڙو آ.

مَن جي مکڙي نہ ڪانڍِي مهڪِي،
هيلَ آيو بهار ڪهڙو آ.

سارا وعدا ڇڏي وساري جو،
اُن تي پوءِ اعتبار ڪهڙو آ.

هُن ايئن ٿهڪُ لڳايو ڇڻ،
مونکان ڪجھہ لڪايو ڇڻ.

مون لئہ اڃا بہ پنهنجي آهي،
هُــن لئـہ آنءُ پـرايــو ڇــڻ.

تنهنجيءَ دل کي جيتي مـون،
تــو وٽ ســپ هــارايــو ڇــڻ.

سنڌڙي تنهنجا گيت لکيا ،
پنهنجو فرض نڀايو ڇڻ.

دل دريـاءُ، انــهــيءَ ۾ تــون،
بــيــنــل وڻ جــو ســايــو ڇــڻ.

تون مان ۽ خاموش هي ڪمرو،
اکـڙيـن تـي ڳالـهـايـو ڇـڻ.

لڙڪ اکيــن مــان اٿلي پيا ،
پـنـبـڙيـن ٿـي پـرچـايـو ڇـڻ.

❁

هيءَ جا ٿِي وٺي دوري آهي،
شايد ڪا مجبوري آهي.

ڪلندي ڪلندي ڏار ٿيءَ مونکان!
روئڻو رات سموري آهي.

پيار فلسفو بڻجي ويو آ،
محبوبا چڻ * ٿيوري آهي.

عيش تہ ھُن جو ليڪن منھنجي،
محنت ۽ مزدوري آهي.

موھَ جو مَرتيو ڪيئن نہ ٿيندو،
سونھن چڙھي وٺي سوري آهي،

سوچن تي آ سرحد بندي،
آزادي اڻپوري آهي.

لڙڪ لڪائي ڇڏٿا آهن،
مرڪڻ اڄ مجبوري آهي.

جيون جَي ھِن سفر ۾ مونسان،
تنھنجو ساٿ ضروري آهي.

* Theory

مان توکي بيحد چاهيان ٿو،
ڪجهہ توکان ڪين لڪايان ٿو.

تون مون کي پنهنجو ڪجهہ بہ نہ چئو،
مان توکي پنهنجو پايان ٿو.

ڇو توکي مونکان نفرت آ،
مان گهڙيءَ گهڙيءَ گهٻرايان ٿو.

ڪجهہ پهرَ جَي منهنجو ماضي هِن،
سي سپنن منجهہ سمايان ٿو.

هيءُ منهنجو مَنُ هيڪل وياڪل؛
مان واٽن تي واجهايان ٿو.

تون ٿهڪ مٿان ٿي ٿهڪ ڏئين،
مان پنهنجا دردَ ٻڌايان ٿو.

پوءِ مونکان ٿي نہ پَوئي نفرت،
مان پيار ڪندي ڪيپايان ٿو.

الزام مٿان الزام مليا،
سڀ سِرَ تي آنءُ سهايان ٿو.

•

شاعرَ آفاقي الهامي،
شاهہ لطيفُ ۽ سچل، سامي.

جاڳڻ وارن کي جَسُ آهي،
اَرڙا! ايئن نہ ٿيءُ آرامي.

سورجَ جَي ڪرڻن ڳالهايو:
چاڻُ ڏکن جِي رات وهامي.

جيءَ جَي اندرِ، جهاتي پائي،
ڳوليو پنهنجي خوبي، خامي.

متان چڱن هو ماري توکي،
پيارَ جا پنجي آءُ اُڏامي.

آزاديءَ جو رستو روڪي،
ڪيستائين هيءَ غلامي.

تنهنجو مونڏانهن ڌيان ٿي نہ سگھيو،
پيارُ جڻ مهربان ٿي نہ سگھيو.

هُن کي ايڏو تہ خوشگوار ڏسي،
درد پنهنجو بيان ٿي نہ سگھيو.

آزمائش جي هر گھڙي جيون،
ختم هي امتحان ٿي نہ سگھيو.

پيارُ تنهنجو تہ هو رڳو دوکو،
دل کي اهڙو گمان ٿي نہ سگھيو.

دل جي وستي اجا بہ ٿي اُجڙي،
ڇو خدا مهربان ٿي نہ سگھيو؟

هر گھڙي ذڪر تنهنجوئي تہ هيو،
عشقُ اڄ بي زبان ٿي نہ سگھيو.

زنده لاشن تي اڻ لکيل ڪتبا،
ڪو بہ نانءُ ۽ نشان ٿي نہ سگھيو.

زندگي جنهن جو آهي هڪُ نالو،
پورو سو داستان ٿي نہ سگهيو.

ڪيڏا رڙيا رنا ڪڪر پوءِ بہ،
فڪر مند آسمان ٿي نہ سگهيو.

سوا تنهنجَي هڪُ پل گذارڻ نہ وس آ،
گھڙيون توسان گھاريلَ وسارڻ نہ وس آ.

اندرَ جا اندرَ ۾، سيئي سورَ رهندا،
پَراون سان اورڻ پچارڻ نہ وس آ.

جيئڻُ الفتن ۾ سکيو آ سدائين،
ڪري ڪنهن سان نفرتَ ڌڪارڻ نہ وس آ.

رڳو روشنيءَ جي تمنا نہ رکجَي،
بنا تيل ڏيئو تہ ٻارڻ نہ وس آ.

اڳيون نقشُ دل تي گھٽو آهي گھرو،
نئون عڪس ڪوئي اُتارڻ نہ وس آ.

انڌيرن ڪان اڳ ۾ رکو روحَ رَوشن،
لٿو سج تہ پيهر اڀارڻ نہ وس آ.

•

تون مونکان مان توکان دور،
پيار ڪرڻ جو ڪَيم قصور.

ٻاهر ڪيڏو خوش هوندو آ،
اندران سارو چڪنا چور.

ساٿ ڏکن جو جيڏو گهرو،
تيڏو جڳ جو ٿيو شعور.

جيون کي جن ڇاتو راند،
تن جي ٿيندي هار ضرور.

ڪالهہَ تہ شدت سان هُن َ چاهيو،
اڄ تہ وسارڻ تي مجبور.

جيسين سَريرَ اندرِ سانديل هي ساهہ آهي،
توسان جيئڻ مرڻ جو رهڻو نِباهہ آهي.

جهٽ ۾ وجان بدلجي، تو جئن تہ آءٌ ناهيان،
منهنجو تہ زندگيءَ ڀر، توسان ئي چاهہ آهي.

ڀوڳيان پيو اڪيلو ڪيڏيون ڪَڙيون سزائون،
توڙي ٿيو نہ ڪوئي مونکان گناهہ آهي.

ڀڙڪَي جيئين جُوالا، سو پيار ڪئن اُجهامي،
اندرَ ۾ محبتن جو، ڪوئي آڙاهہ آهي.

هردم ڪيون وفائون، چاٺون نٺا جفائون،
منهنجو ضمير هرهنڌ، منهنجو گواهہ آهي.

شايد گذر ٿيو آ، هنڙان ڪو سخت طوفان،
سوچن جو سانت ساگر، بيحد اٿاهہ آهي.

•

پيارَ تنهنجَي سان سنوارِي ڪائنات،
رنگَ، خوشبو آهي سارِي ڪائنات،

مُرڪ چپڙن تي جڏهن تنهنجَي ٽڙي،
ٿي وئي ڪيڏي نہ پيارِي ڪائنات.

بي سهارن جان ٿي گذرَي زندگي،
چڻ تہ آهي هيءَ اُڏاري ڪائنات.

پيارَ جو رشتو ٽٽڻ سان ائين لڳو،
بيهجِي ويئي آ، ساري ڪائنات.

ڪيتري رنگين ۽ وڻندڙ هئي،
دل جِي نظرن سان نهاري ڪائنات.

*

پنهنجِي هٿَ ـ لڪيرَ ڏسي،
ورتي هڪ تصويرَ ڏسي.

پٿر دل ڪي چا ٿيندو؟
نيڻن ۾ ڪجهه نيرَ ڏسي.

قيدي بڻجڻ چاهيو دل،
چاهت جا زنجيرَ ڏسي.

پاڻَ ئي پرچي ويندِي نيٺ،
منهنجِي سِڪ اُڪيرَ ڏسي.

پيار ۾ پڇتايو نہ ڪڏهن،
مون پنهنجِي تقديرَ ڏسي.

ذات اندرَ ۾ پاتي جهاتِ،
او! توکي * تنويرَ ڏسي.

* تنوير عباسي

مان آهيان متوالو اُن جو،
محبت آهي نالو اُن جو.

ماڳُ اُنهن جَي، پاڳِ نہ پوندو،
جَي تا ڏسن ڪشالو اُن جو.

مجٽو پوندئي مان نہ مئو آن،
منهنجي يادِ حوالو اُن جو.

ڪربَ منجهان ٿَي ڪالهہ ڏٺو جنهن،
پَلَوُ بہ آهي آلو اُن جو.

توکي مون کي ڏار ڪيو جنهن،
قسمت آهي نالو اُن جو.

منهنجي جيءَ ۾ پيارَ جا جذبا،
اُٿيهينءَ ۾ بہ اُجالو اُن جو.

جيونَ رنگَ سجايا آهن.
پيارُ بہ رنگُ نرالو اُن جو.

مَنَ کي ڪيئن مڃايو هوندئي؟
مون کي جيئن پلايو هوندئي!

مونسان پنهنجا ناتا ٽوڙي،
مون جئن سورُ پِرايو هوندئي!

ڪوڙَي هٿَ انا جا ماريل،
اڃا بہ ساڳيو رايو هوندئي!

مانُ ڏئي منهنجَي دشمن کي،
مونسان پيارُ نڀايو هوندئي!

تنهنجَي منهنجَي ڏار ٽيڻ تي،
دنيا جَشنُ ملهايو هوندئي!

ڪجھہ ماڻڻ جي اِڇائن ۾.
آخر ڪجھہ تہ وڃايو هوندئي؟

لفظن ۾ ئي زهر ملائي،
ڳالهين ۾ ڪارايو هوندئي!

توبہ ڪيئن گھاريندو هوندس،
ڪڏهن تہ دل ۾ آيو هوندئي؟

•

نينهن نچائي سگهندو آهي،
رنگُ رچائي سگهندو آهي.

چپَ جڏهن چُپ ٿيندا آهن،
مُکُ ڳالهائي سگهندو آهي.

ڪڪرن ڪي بہ نڳي چندرما،
جهاتي پائي سگهندو آهي.

ڪوئي ڇا بہ چوي پر سُڄُ ئي،
پاڻُ مڃائي سگهندو آهي.

مايا جي اِڇا ۾ ماڻهو،
پيارُ مَٽائي سگهندو آهي.

سمنڊَ ڪنارَي، واريءَ جا گهر،
ڪير بچائي سگهندو آهي؟

*

منهنجو پاڇو مونسان ڏسندَي،
ڪهڙو هُلُ مچايو ٿي.

ننڊ مان جاڳيا نيڻ ـ ڪنولَ،
خوشبوءِ کي ڦهلايو ٿي.

ڪجهہ ٿانيڪو ٿيءُ مسافرَ!
پاڻ جان چنڊُ رلايو ٿي.

خوابَ نگر جي پيارَ ـ پَري،
دل ۾ ديپُ جلايو ٿي.

جرڪيا سارا سندر سپنا،
يادِ ـ پنو، اُٿلايو ٿي.

دل درياءَ ۾ لهرون اُڀريون،
پيارَ ـ پٿرُ اُڇلايو ٿي.

آنءُ تہ تنهنجو آهيان اَڄُ،
ماضيءَ جيئن ڀُلايو ٿي.

چاهت ايئين آ پيارا،
اُڀ تي ڪا ڪيرَ ڏارا.

هڪَ زندگي بچي آ،
ڇجندا ويا سهارا.

دل مان اَذان آئي،
ٻڌندا رهيا مُنارا.

ڪجهہ پيارَ جون رِهاڻيون،
هوتل هيو ڪنارا.

هو سيرَ ۾ ٻڏي ويو،
ڏسندا رهيا ڪنارا.

ڪلندا رهياسين توسان،
پر ٽهڪَ ها اُڌارا.

موڪيءَ ٿي مَٽَ هاريا،
مَرندا رهيا اُجارا.

❋

ٽوڪـان ڏور گـذاريـان ٿــو،
ڏينهَن ڏکن ۾ گهاريان ٿــو.

پاڻُ ٻه وسري ويندو هوندو!
توکي ڇو نه وساريان ٿــو؟

اُن کي ڇا تون جيونُ چوندين؟
جيـــکـــو آءٌ گـذاريـان ٿــو.

مون لئه سوچيندا ٻه نه هوندا،
جن تي پاڻَ کي واريان ٿــو.

ٻُـڌي ويـو لُڙکـن ۾ آهـيـان،
عـکس اکين ۾ تاريان ٿــو.

واچـوڙن جَـي وچ ۾ ويـهـي،
آسَ جـا ڏيـئڙا ٻاريان ٿــو.

ڏاڍي وڻندڙ، پني پني خوشبوءِ،
هير مون کي اڇي ڏني خوشبوءِ.

پونئرَ چمپا تي ڪو نہ پِرندا هِن،
توڙي ناهي منجهن ڪني خوشبوءِ.

گهگهہ اوندهہ ۾ رات جي راڻي،
ڪنهن کان ناهي ڪڏهن ڊني خوشبوءِ.

باغ جِي رونقن جو دشمن ٿي،
ونندو آ گل کي ڇني، خوشبوءِ.

ڦهلجن لاءِ رهنديون آنيون هِن،
واءُ، شهرت ۽ روشني، خوشبوءِ.

دل ۾ ڪو پيارُ نظر بند آهي،
مُنهنجو اظهارُ نظر بند آهي.

سانت ۾ سُر لڪي ويا سارا،
ڪوئي فنڪارُ نظر بند آهي.

ذهن تي نقش ٿي ويو ڪوئي،
هڪڙو ويچارُ نظر بند آهي.

تُنهنجي انڪارَ مان ٿيو پڌرو،
تُنهنجو اقرارُ نظر بند آهي.

مُنهنجي دل منجهه ايئن آهين جڻُ،
سارو سنسارُ نظر بند آهي.

دل جي معصوم خواهشن ۾ ڪو،
چِلولو پارُ نظر بند آهي.

پيارَ پنهنجَي ۾ تو ڏٺو آهي؟
هڪڙو مختيارُ نظر بند آهي.

❋

هوندئن ڏسڻَ ۾ آهي سُلجهيلَ ڇوڪري،
پر ڇو رهندي آهي اُلجهيلَ ڇوڪري؟

پيارَ جَي اظهارَ کان ڇو ٿي ڪنبَي؟
هر گهڙي هوندي آ هيسيلَ ڇوڪري.

ڇو نہ ٿي ڪنهن کي ڪڏهن پنهنجو ڪري؟
پنهنجِي تنهائين ۾ گم ٿيلَ ڇوڪري.

مُنهنجي دنيا کي بہ اُلجهائي وئي،
پاڻَ هئي اڳ ۾ ئي پٽڪيلَ ڇوڪري.

زندگيءَ جو ڳاهُ ٿي ڳهندي رهي،
چاهَ جي چَڪيءَ ۾ پيسيلَ ڇوڪري.

مُنهنجو جيونُ ڇو نہ ٿي بڻجي سگهي؟
مُنهنجي هٿَ ۾ جيڪا لِيڪيلَ ڇوڪري.

*

شاعري شيش محل آ منهنجو،
آئينو هرڪو غزل آ منهنجو.

اڄ ملاقات توسان پهرين آ،
تنهنجو نالو تہ ٻُڌل آ منهنجو.

چنڊ جو هم شڪل هيو شايد،
چڻ تہ هو اڳ بہ ڏٺل آ منهنجو.

پوءِ بہ رسمن ۾ ويو آ الجهي،
ذهن توڙي جو ڪُليل آ منهنجو.

هن جي وڇڙڻ جو ٻڌي چرڪي ويس،
ڊيل جان هانءُ ڊنل آ منهنجو.

ڪوڪ ڪويل جي ٻڌي مون پايون،
درد ان منجهہ لڪل آ منهنجو

تو وٽان مان تہ هليو آيو آن،
ڪجهہ تہ تو وٽ بہ رهيل آ منهنجو.

سجَ ساييا جا ڪٽي آ ڪرڻا،
ماڪ ۾ خواب پنل آ منهنجو.

❁

احساس کان خالي مُرڪ،
ڪاٿان آئيان جعلي مُرڪ؟

پس منظر ۾ پيڙا ساندي،
چپڙن منجهه سنپالي مُرڪ.

توکي سا مَڪاري لڳندي،
مون لئه پولي پالي مُرڪ.

منهنجَي دردن جي دنيا ۾،
آئيندي خوشحالي مُرڪ.

مونالیزا٭ جَي مُک تي ڦهليل،
ليوناردو٭ جي خيالي مُرڪ.

٭

٭ هڪ شهره آفاق تصوير
٭ ليوناردو ونسي، تصوير جو مصور

ساروڻين جي رچ ۾

بيتَ / سورٺا / دوها

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

توڙي ڪجهه بہ نہ ماڻيو، مون توکي پائي،
توکي وڃائي، جڻ تہ وڃايو پاڻ کي.

جڻ تہ وڃايو پاڻ کي، توکي ڳوليندي،
پاڻ کي روليندي، رڻ ۾ رات ڪُٺي وئي.

تو ۾ ڏٺو مون، پرين! پنهنجو پاڻ کي،
پر ڇو مون ۾ تون! پَسين نہ ٿو پاڻ کي!

سارونڻين جي رُج ۾، مان آهيان رُلندو،
جَي ناهيان ملندو، توسان منهنجا سپرين.

جهورَي وڏو جيئڙو، پيڙا جي گهائي،
ڪندين ڇا ڄاڻي، ڪيئن ٿي نبرَي جندڙي.

شالَ نہ گذرَي تُنهنجِي، تيئن او منهنجا يارَ،
جيئن مان توکان ڌارَ، گهاريان پيو جندڙي.

ڏور گذارڻ تنهنجو، پل پل جو ايذاءُ،
آءُ پرين تون آءُ، نہ ٿي نِبرَي جندڙي.

سو آ کھڙو پنڌُ، جنهنجو کو بہ نہ ماڳُ،
ڇو ورتئي ويراڳُ، ڇا کان رولين پاڻَ کي.

تون ڇو بيٺو آن، تون پڻ مونسان هلُ،
پاڻَ ٻنهين جو پلُ، سگهہ ٿئي سنسارَ جي.

ڇا لئہ تو ورتي پرين، هڪ اونداهين واٽَ،
جيڪا تو اڳواٽَ، ڏني ناهي ڏينهن جو.

ڏئي پنهنجو ساٿُ پوءِ، واپس ورتائين،
مون کان مون تائين، سفر پُنو پيار جو.

مون کان پڇين ٿو پيو، منهنجو ڪهڙو حال؟
اوريم جَي احوال، تہ جُهري پوندئي جيئڙو.

جُهري پوندئي جيئڙو، ڏسي منهنجا ڏکَ،
نٿا سُجهن سُکَ، ساجن هن سنسارَ ۾.

اُتساهيو احساس کي، وري وڇوڙي،
ناتو منهنجي نينهن جو، پل ۾ ويو ٽوڙي،
جيڪر هو جوڙي، وڪريل هن وَجود کي.

وڪريل هن وجود کي، ڪهڙو ڏينديس نانءُ،
پوار پورا جندڙي، ڇيهون ڇيهون هانءُ،
ناهي ڪوئي ڏانءُ، مان ڪيئن جيئان جڳَ ۾.

مان ڪيئن جيئان جڳ ۾، بنا سهارَي،
سگهہ ڏيان ٿو ساهہَ کي، مان هنجون هارَي،
تنهنجَي ئي تارَي، تَڳي پئي جندڙي.

وري ٿي ويو اوچتو، تنهنجو منهنجو جوڙُ،
آيو نئون موڙُ، اج پنهنجي اِتهاس ۾.

ڇُري پئي ڇپن تي، دعا هيءَ هرَ هرَ،
جيڪر تون ٻيهرَ، موٽي اچين ماڳَ تي.

وساري ويچن کي، موٽي اچين شالَ،
گذريا ڪيئي سالَ، تنهنجا اوسيئڙا ڪري.

مون لئہ تہ مان هاڻِ، ناهيان سوچيندو،
آخر ڇا جي ڪاڻِ، تو ڪي منهنجو تونڪرو.

تون ڇا ڳولهين ٿو، منهنجي دنيا مان،
مون کي پڻ مون کان، سُک نہ مليو سپرين.

تون ڇا گهر ين ٿو، مان آهيان خالي،
مان پڻ سوالي، سئن هنئين آ سِڪ جي.

تون ڇا چاهين ٿو، مون وٽ رڳا دردَ،
مونکان دهشتگردَ، هر ڪا شي ڦُري ويا.

اسان وٽ خوشيون سيئي، هيون اُڌاريون،
وٺي وئي ساريون، ڇني ناتو نينهن جو.

او سنڌڙي توکي مليا، ڪجھ اهڙا همدردَ،
ٻئجي دهشتگردَ، سارا سُک لُٽي ويا.

اسان کان خوشيون ڪسي، ڏئي ويا دردَ،
اهڙا ئي ڪجھ فردَ، اڳواڻن جي روپ ۾.

SOORIH SINDHI ADAB

پڙهندو آهيان جذهين، تنهنجيون لکيل چِٺيون،
ڏئي کوڙ مِٺيون، ساندييندو آن سک مان.

توکان ورتل چوڙين کي، روز ڪٽي ڏسندو،
۽ پوءِ هو چُمندو، آهي ڪيڏي چاهَ مان.

تنهنجِي چُوڙين کي ڪٽي، جيئن ٽو ڇٽڪايان،
خوشبو ڦهلايان، جڻ ڪا تنهنجَي پيارَ جي.

✿

پڙهندو آهيان جڏهين، تنهنجيون لکيل چِٺيون،
ڏئي کوڙ مِٺيون، ساندييندو آن سک مان.

توکان ورتل چوڙين کي، روز کٽي ڏسندو،
۽ پوءِ هو چُمندو، آهي کيڏي چاهَ مان.

تنهنجي چُوڙين کي کٽي، جيئن ٿو ڇٽڪايان،
خوشبو ڦهلايان، جنهن کا تنهنجي پيارَ جي.

✿

پيڙائن جي جھانجھہ ڪي، چيڙين ٿو چا لاءِ،
خوشي بہ ناچُ نچي پئي، دردَ نہ ايڏو ڳاءِ.

اڻ پورن شعرن ۾ ايئين، لُڇي پيو ويچارُ،
ڳولي جيئن نمائش ۾، ماءُ وڃايل ٻارُ.

راتيون آهن مانيون ٻوڙ بہ، چاندوڪين ۾ شورُ،
يادن جَي صحرا ۾ ڀَٽڪي احساسن جو مورُ.

ڪرٽن ڪي ميڙي پيو، شام سُکي جيئن سجُ،
وينديَ وينديَ وو پربن، تون بہ نہ ايئين ٿجُ.

دردن سان آ دوستي، پيڙائن سان پيارُ،
خوشيون اسان جي لاءِ ڪنهن، وڏوا جو ويچارُ.

SOORIH SINDHI ADAB

دل جي دنيا ۾ ڀٽڪان ٿو، مان ڪنهن آسَ بنا،
ها پر منهنجو جذبو ناهي، ڪنهن احساسَ بنا.

هڪڙو چهرو ٻيو چهرو، چهري تي چهرو،
دل آئيني تان مِٽجي ويو، نقش نہ ڪو گهرو.

هٿَ کڻي شوءِ پنهنجي رب کان، مون لئہ دعا گُهري ٿي،
منهنجَي ڏک تي مرڪڻ وارا! ڪنهن جي دل تہ ڪُري ٿي.

لهرُن سان سرُ ٽڪرائيندي، چُپ ٿي ورو آهي طوفان،
هستي مستي ڪين رهي ٿي، پاڻيءَ جو ڦوٽو انسان.

نينڊَ سُتا ۽ سپنا جاڳيا، رات ڪَٽي ان ريت،
صبح ٽين سان مالها ٽُٽندي، موتي ڪرندا ميت.

SOORIH SINDHI ADAB

ننڊ سان ڪيئي راتيون جاڳي، جهيڙيو منهنجي سوچَ،
ڪجھه ڄاڻ جي آشا آهي، ڪجھه ماڻ جي لوچَ.

تارِين تان پنَ ڇڻندا آهن، هيرَ جَي گهلندي آهي،
منهنجي من ۾ ڪا اڻ ڄاتي، اُڻ تُڻ وڌندي آهي.

ڪنهن جو روڳ اندر ۾ پالي، روئِڻ وِڻو تون،
دل وارن سان ايئن ٿيندو آ، روئِڻ ڇو ٿو تون.

ساوڻ رُت جي برساتن ۾، ڀڄندو رهيو پڌرُ،
غم جو بادل برسيو دل ۾، ٻڏندو رهيو اندرُ.

جڏهن ٻه موتي ويندي آهين، اوسيئڙي ۾ رهندو هان،
توڙي موٽي ايندي آهين، اوسيئڙي ۾ رهندو هان.

توکي ملي ته ويندو هر هنڌ، چاهه ڏيڻ وارو،
ڳولي آئي ڏيندينءَ مون جئن، ساهه ڏيڻ وارو؟.

✿

جذبا جهوميا جيءَ ۾

وايون

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

کھڙي آلک چپَ: سامهان ٿيون سنسارَ جَي.

مان تنھنجي ۽ تون منھنجي،
آهين سڄاڻپَ:
سامهان ٿيون سنسارَ جَي.

هڪُ صحرا پيو سانت سان،
ڪيڏي پنھنجائپَ:
سامهان ٿيون سنسارَ جَي.

آنءُ ته آهيان مينھن ڦڙو،
تون ساموندي سِپَ:
سامهان ٿيون سنسارَ جَي.

اکيون اکين سان ڳالهائن:
چُپ چُپ آهن چپَ:
سامهان ٿيون سنسارَ جي.

سوچون مليون سونھن سان،
جرڪي ٿي ڏاهپَ:
سامهان ٿيون سنسارَ جَي.

*

منهنجا توسان ڪهڙا ناتا؛
او اڻ ڄاتا؛ او اڻ ڄاتا !

دردَ جَي رشتي پاڻ ٻڌي تا؛
جڳَ ۾ وڃئون سڃاتا:
او اڻ ڄاتا؛ او اڻ ڄاتا !

سپنن جَهڙي جاڳَ اسان جي،
نيڻَ سدا مَدُ ماتا؛
او اڻ ڄاتا؛ او اڻ ڄاتا !

دردَ نگر ۾ تو مون گڏجي،
گيت پريت جا ڳاتا:
او اڻ ڄاتا؛ او اڻ ڄاتا !

پيار تہ منهنجو سيني سان آ،
نيڻَ اوهان لئہ آتا:
او اڻ ڄاتا؛ او اڻ ڄاتا !

جڳ جي جن سان نفرت آهي،
سيئي دل سان لاتا:
او اڻ ڄاتا؛ او اڻ ڄاتا !

*

آهيان ويڳاڻو؛
تُنهنجَي ساٿَ بنا،

ڏيئو منهنجي ذاتِ جو،
اجهو اُجهاڻو!
تُنهنجَي ساٿَ بنا،

نيڻن ۾ ڪن بادلَن،
تاهيو نڪاڻو؛
تُنهنجَي ساٿَ بنا،

رستي منجهہ رُلي پيو،
پنڇي اڏاڻو؛
تُنهنجَي ساٿَ بنا،

ڪنهن سان ريجهي ڪونہ ٿو،
اندرُ اياڻو؛
تُنهنجَي ساٿَ بنا،

سڪَ جَي سرَ تي سونهندڙُ،
ڪنول ڪوماڻو؛
تُنهنجَي ساٿَ بنا،

ڪونهي انت ۽ ماڳ ڪو،
پنڌ هي پراڻو؛
تُنهنجَي ساٿَ بنا،

ٻهڪي پيس آنءُ،
تنهنجو ٻُڌي نانءُ:
جذبا جهوميا جيءَ ۾.

پنڌُ پربڻ جي پارَ جو،
ڏکَ سهڻَ جو ڏانءُ،
جذبا جهوميا جيءَ ۾.

اُپَ تي بادل ڪنوٽيون،
پانءِ تہ منهنجو هانءُ،
جذبا جهوميا جيءَ ۾.

چاندوڪيءَ ۽ چيٽ ۾،
واهڻَ منجهہ وهانءُ،
جذبا جهوميا جيءَ ۾.

منهنجا ساٿَ ڏٿِي، هئہ هئہ هيئنڙو هيڪلڙو.

سورَ تہ مون سان اڻ ڳڻيا،
مان پر هڪ ڄڻي؛
هئہ هئہ هيئنڙو هيڪلڙو.

موتي جيوَن ـ مالهائن جا،
ڇڄي پيا تہ ڇڻِي؛
هئہ هئہ هيئنڙو هيڪلڙو.

او سڀ ڏک ڏئـي وڄـو،
ســارا سُکَ ڪٽِي؛
هئہ هئہ هيئنڙو هيڪلڙو.

مـوٽ ۾ مـاڻيـون نفرتـون،
ڏئــي سـڪَ گهٽِي؛
هئہ هئہ هيئنڙو هيڪلڙو.

دل ڌرتـيءَ تـي پيارُ پـريـن،
ڦهربن مينهَن ڪَٽِي؛
هئہ هئہ هيئنڙو هيڪلڙو.

ساجنَ سرمو پائنيان،
تنهنجي پيرَ پٽِي؛
هئہ هئہ هيئنڙو هيڪلڙو.

واري هَـنَ وجـود کـي،
وبندسُ نيٺ وٽِي؛
هئہ هئہ هيئنڙو هيڪلڙو.

مون چا وچايو؟
بيلي ٻُڌايو؛
سُکُ نہ آهي ساهہَ کي.

چاهتَ پنهنجَي ڇهکَ سان،
ڪيڏو ڪِنجهايو؛
سُکُ نہ آهي ساهہَ کي.

هر ڪنهن رستي جي صدا،
مون کي مُنجهايو؛
سُکُ نہ آهي ساهہَ کي.

ماڻيم موتَ - مراد وو،
ميندي رچايو؛
سُکُ نہ آهي ساهہَ کي.

آنءُ اڪيلو هت اچا،
ناتو نڀايو؛
سُکُ نہ آهي ساهہَ کي.

گُهٽ گهٽي آ ٿي وئي،
موسمَ مَتايو؛
سُکُ نہ آهي ساهہَ کي.

اجنا بہ اوچو ڳاءِ؛ پريتَمَ! اجا بہ اوچو ڳاءِ !!

پيڙائن جَي پَير جا گهنگهرو،
چوڙين تو ڇا لاءِ !
پريتَمَ ! اجا بہ اوچو ڳاءِ !!

چاندوڪيءَ جان چنچل بڻجي،
جهڙ مان جهاتي پاءِ !
پريتَمَ ! اجا بہ اوچو ڳاءِ !!

سونهن جَي سپنن ۾ الجهن ٿيون،
سوچن کي سمجهاءِ !
پريتَمَ ! اجا بہ اوچو ڳاءِ !!

پيارُ پکيءَ جان پاڇا ڳولهي،
جيون ٿيو جولاءِ !
پريتَمَ ! اجا بہ اوچو ڳاءِ !!

مَنَ جي بستي مستي ماڻي،
ڪونجَ جيان ڪُرلاءِ !
پريتَمَ ! اجا بہ اوچو ڳاءِ !!

ڏور نہ ڪنارا،

تنهنجَي منهنجَي نينهن جا !

ڪومل جذبا جاڳايا،

خوشبوءَ جي ڌارا :

تنهنجَي منهنجَي نينهن جا !

رستا روڪَي ڇا سگهندا،

هي ماڻهو سارا :

تنهنجَي منهنجَي نينهن جا !

ساکي سڪ جا عمر ڀر،

چنڊ ۽ ستارا :

تنهنجَي منهنجَي نينهن جا !

ڪينءَ سجاڻن، ناتن کي،

هي دنيا وارا :

تنهنجَي منهنجَي نينهن جا !

كنهن لئہ جيئبو هاڻي،
سائين، كنهن لئہ جيئبو هاڻي ؟

آنءُ تہ وينو واجهايان پر،
واءُ نہ خوشبو آڻي؛
سائين، كنهن لئہ جيئبو هاڻي ؟

پلجي سوچيم، توكي ويندس،
مان سپنن ۾ ماڻي؛
سائين، كنهن لئہ جيئبو هاڻي ؟

منهنجي منَ ۾ چاهت تنهنجي،
توبن كو ڇا ڄاڻي؛
سائين، كنهن لئہ جيئبو هاڻي ؟

روز جيان اڄ آهي كو نہ،
كوئي سنجها ٽاڻي:
سائين، كنهن لئہ جيئبو هاڻي ؟

سورَ پرايا، پاڻَ اجايا،
منهنجَي نينهن نماڻي:
سائين، كنهن لئہ جيئبو هاڻي ؟

سوپيا ۽ سُرهاڻ كٿي آ؟،
واءُ ڇڏيا گل ڇاڻي:
سائين، كنهن لئہ جيئبو هاڻي ؟

نہ ڄاڻا! سچو آهي ڪيرُ! نہ ڄاڻا ......

تو غيرن کي پنهنجو ڀانيون،
مون پنهنجن کي غيرُ:
نہ ڄاڻا ......

تون نانگن کي کير پيئارين،
منهنجو ٻر تي پيرُ:
نہ ڄاڻا ......

مونکان ٿي ڪا ڀُلَ ٿي هوندي،
يا ڪو تو ۾ ڦيرُ:
نہ ڄاڻا ......

تون بہ دعا گُهر، مان بہ گهران ٿو،
رهي ٻنهين ڏي خيرُ:
نہ ڄاڻا ......

*

جڳ لئہ جاڳرتا،
پيارُ تہ امرتا،
او منهنجا سرتا!

هنَ ساري سنسار ۾،
اَٽ-ڪُٽ سندرتا:
او منهنجا سرتا!

سارا رنگَ ۽ روپَ مون،
تو ڪان ئي ورتا:
او منهنجا سرتا!

وچڙيل ورهين ڪان هئا،
پَلَ اندر پرتا:
او منهنجا سرتا!

مون بہ پرائي نينهن مان،
نِرمل نِمرتا:
او منهنجا سرتا!

*

عشق جو آذر ياءُ : ڪرڻُ نہ آيو توکي سائين !

ساريَ جڳَ جي سوپيا تہ ۾،
هر هنڌ آهہ هڳاءُ،
پسڻُ نہ آيو توکي سائين !

ڳوڙهن هاٽيون ڳاڙهيون اکيون،
اهنجَ ۽ ايذاءُ،
رُئڻ نہ آيو توکي سائين !

نيڻَ رڳو خاموش نهارن،
اکرُ نہ ٿيو اُڪلاءُ؛
ڪچڻُ نہ آيو توکي سائين !

صحرائن ۾ ڪُوڪَي ڪوئي،
پيڙا جو پڙلاءُ؛
ٻڌڻُ نہ آيو توکي سائين !

پيرَ پٿون ٿيا ناهن تنهنجا،
هاڻ تون مونسان آءُ،
هلڻُ نہ آيو توکي سائين !

ڏينهون ڏينهن وڌي وئي ڏوري،
ڪيئن ٿئي پرچاءُ؟
نهڻُ نہ آيو توکي سائين !

دل مختيار جي ڌڙڪي چو ٿي،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ گهاءُ؛
سَهڻُ نہ آيو توکي سائين !

اکيون اج آتيون،
اجھو باک ڦٽي پئي.

ننداکن نيٽن متان،
ڪرٽن جون جھاتيون،
اجھو باک ڦٽي پئي.

سپنا سھيڙن پيون،
اکيون مڌُ ماتيون،
اجھو باک ڦٽي پئي.

ساپيائن کي ڳولھيندي،
گذري وئون راتيون،
اجھو باک ڦٽي پئي.

تون، مان وڳڙو رات جو،
ڪُٺيون نہ باتيون،
اجھو باک ڦٽي پئي.

انگَ متان آکاس جَي -
چادر وئي چاتيون،
اجھو باک ڦٽي پئي.

دل جو ورتو ڏکُ؛
مونکي تون ملي وئين !

جتن ڪريان ها جيسين،
پر اُنهيءَ ڪان اڳُ،
مونکي تون ملي وئين !

پکي او پرڏيهه جا،
چڙهي آئين وڳُ،
مونکي تون ملي وئين !

منهنجي پهرينءَ وک تي،
منهنجو آ مارڳُ،
مونکي تون ملي وئين !

واپس اُتيئي وريس،
جهاڳي سارو جڳُ،
مونکي تون ملي وئين !

سومان ناهیان

سرائمل

SOORIH SINDHI ADAB

ٿابي سان وبس گهاگهر ڇُلڪي،
لــڳ ســـمـــورا پـــاٽـــيءَ لارون؛
شايد! مونکي ڏسندي ڇِرڪي،
ٿابي سان وبس گهاگهر ڇُلڪي.

ڪاوڙ هـونـدي، ٿـورو مـُرڪـي،
شـرمَ سـمـايـل ڪـٽـي نـهـارون !
ٿابي سان وبس گهاگهر ڇُلڪي،
لــڳ ســـمـــورا پـــاٽـــيءَ لارون.

❑

پٽڙُ پريـن هٽي ٿـو،
اُن کـــي نـــ روڪبـو،
مـون کي تہ هـو وٽي ٿو؛
پٽڙُ پريـن هٽي ٿـو.

پٽڙُ جـو هـو کٽي ٿو،
پـارس هجي متـان سو !
پٽڙُ پريـن هٽي ٿو،
اُن کـــي نـــ روڪبـو،

جو تون آهين، سو مان ناهيان،
جو مان آهيان، سو تون ناهين:
تون "تون" آهين، مان "مان" آهيان،
جو تون آهين، سو مان ناهيان.

مان ڇو آهيان، مان ڇا آهيان،
تون ڇو آهين، تون ڇا آهين.
جو تون آهين، سو مان ناهيان،
جو مان آهيان، سو تون ناهين.

❑

سُڪِي وِيون پوکون پر آيو نہ پاڻي،
اڄ تہ اُجايل ذرتي، اُڏامي واري.
سنڌ توسان ويل ٿيا، جاڙي ۽ واڙي،
سُڪِي وِيون پوکون پر آيو نہ پاڻي.

سڏڪي نوڻ چپن ۾، اڄ سنڌو راڻي،
واجهائي ٿي واهر لئہ، ورُ ورُ ويچاري؛
سُڪِي وِيون پوکون پر آيو نہ پاڻي،
اڄ تہ اُجايل ذرتي اُڏامي واري.

❑

هيءُ ڪهڙو تنهنجو ناتو آ؟
هيءُ ڪهڙو تنهنجو پيارُ پرين!
نت سور مون تو مان پاتو آ،
هيءُ ڪهڙو تنهنجو ناتو آ.

تو شايد ڪين سڃاتو آ،
مان ساڳوئي مختيارُ پرين،
هيءُ ڪهڙو تنهنجو ناتو آ،
هيءُ ڪهڙو تنهنجو پيارُ پرين.

❑

ڏڪايلَ اکين جَي نہ ڳوڙهن کي ڏسجان!
وجائي نہ ويهين خوشين جا خزانا؛
اِها مُرڪ پنهنجي سنڀالي تون رکجان،
ڏڪايل اکين جَي نہ ڳوڙهن کي ڏسجان.

اسان جي دنيا ۾، نہ پُلجي بہ اچجان،
جتي جيئڻ جي لئہ، جَتن ۽ بهانا؛
ڏڪايل اکين جَي نہ ڳوڙهن کي ڏسجان،
وجائي نہ ويهين خوشين جا خزانا.

❑

پوپٽ ۽ گل آهيون پاڻ،
خوشبوءِ وچ ۾ آهي پڪَ،
موهَ پريو سارو مانداڻ،
پوپٽ ۽ گل آهيون پاڻ.

پنهنجِي سڪ ايئين تون ڄاڻ،
جڻ تہ مُنڊِيءَ تي ڪائي ٽِڪَ؛
پوپٽ ۽ گل آهيون پاڻ،
خوشبوءِ وچ ۾ آهي پڪَ.

❑

تون پَهڻ سان پل ڇڇرَي ڇڏ،
پر گل ٻہ نہ مان هٽندس توکي؛
لک وِيڙ ڏئي گوندرَ ۾ گڏ،
تون پَهڻ سان پل ڇڇرَي ڇڏ.

تون ڪوٺ ڌڪارَ جا وِڻي اَڏِ،
پر اُف ٻہ نہ مان چوندس توکي.
تون پَهڻ سان پل ڇڇرَي ڇڏ،
پر گل ٻہ نہ مان هٽندس توکي.

ـا

تو منهنجي غلطي ياد رکي !
هر ڏوهه وساري پنهنجو تون،
هيءَ تو ۾ ڪهڙي باهه بکي؛
تو منهنجي غلطي ياد رکي !

ڪجهه سوچ ته ٿورو هانءَ سکي،
هڻ هيڪر ماري پنهنجو تون،
تو منهنجي غلطي ياد رکي،
هر ڏوهه وساري پنهنجو تون.

تنهنجي هن ساري ڪائنات منجهان،
هڪڙي چاهت بہ مون کي ڪونہ ملي.
وسعتن واري ڪائنات منجهان،
تنهنجي هن ساري ڪائنات منجهان.

تنهنجي هن پياري ڪائنات منجهان،
ٿوري راحت بہ مون کي ڪونہ ملي؛
تنهنجي هن ساري ڪائنات منجهان،
هڪڙي چاهت بہ مونکي ڪونہ ملي.

❑

اكيون - خوابَ نگر

هائيكا

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورھ· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

اکيون-خوابَ نگرُ،
هر پل نئين کهاڻيءَ سان؛
ورجايل منظرُ.

٥

دل جو پريم نگرُ،
پورا پورا ٿي ويو؛
ٽُٽي پيو اندرُ

٥

منُ ڪوئي مندرُ،
جنهن ۾ پوڄيندو رهيس؛
يادُن جو پٿرُ.

٥

اکيون-اڪيليون،
خوابَ نہ اورانگهي سگهيا؛
اوچيون حويليون.

٥

هيئنڙي ۾ هيڪارُ،
مندون رهنديون مَٽجنديون؛
پر نہ بدليو پيارُ.

٥

چانڊوڪي، چوليون،
منهنجَي جيون ساگرَ ۾؛
رنگَ رتيون هوليون.

٥

سپنو-واريءَ گهرُ،
لهرن منجهه لُڙهي ويو؛
تنهنجو تَصَورُ!

٥

نيڻن هاريا نيرَ،
ڪو نه هُئينءَ تون ڪمري ۾؛
تنهنجي هئي تصويرَ!

٥

دعا گهري مون،
پلي وساري مون کي،
سدا جيئين تون!

٥

ڳولي سچو شهرُ،
جتي رات سمهي رهيس؛
نڪتو تنهنجو درُ!

٥

ساموندي طوفانُ،
وِيـرُن ۾ ويـران جزيـرو؛
ستـل ۽ سنسانُ.

٥

اُف ڪيـڏي سردي،
هڪُ محافـظ بيٺـو آهـي،
فـوجي بـا وردي.

٥

سمنڊ پيـو گرجي،
چـانڊوڪـيءَ ۾ مون ڏٺو؛
چنڊُ پيـو تـڙڦـي.

٥

چڙيو دل جو ساز،
چپـن تـي چُـرِي پيـو؛
انـدرَ جـو آواز.

٥

اڪ ڪُلـي ويـئـي،
مالها سنـدر سپنن جي؛
جڻ تہ ٽُـٽِي ويـئـي.

٥

اکِ لڳــي ويئـــي،
سپنــي ۾ هڪ سُــنـدري؛
اڄ بـہ ملـي ويئـي.

۵

ٽِمي پيس اکڙيون،
ڪنهن اٽڃاتي سوچ ۾ ـ
پوربائيـن پنبڙيون،

۵

روئـــن ڪـلـن ٽـــا ،
ٽـانـگـي ۾ اسـڪـولَ ڏي،
ٻـــار وڃـــن ٽـــا .

۵

موڪل وارو ڏينهن،
پـڪـا ۽ پـيـرون پـٽـيـا ،
ٻـارن سـارو ڏينهن.

۵

ڳـجـيءَ ۾ لــوٽـي،
پيرون پـٽـينـدي ٻـار وٽي،
ڪـبڙ جـي چـوٽي.

۵

اوسیئژو .....

آزاد نظم / نثري نظم

SOORIH SINDHI ADAB

سنگتراش

پٿر اُڪيرَي، جوڙ نہ مورت -
پوڙها سنگتراش !
هن مورت لئہ، مندرَ نهندا،
گهندَ گهڙيال ۾ * سِهِرا لڳندا،
صبح سويري، اُن جي آڏو،
ڏڪندي ڏڪندي، ماٿهو جهڪندا.
آزاديءَ جا دشمن پوڙها !
چئن سڪن کي ماٿڻ لاءِ
جڳَ لئہ جوڙين ٿو جنجالُ،
پٿر اُڪيري، جوڙ نہ مورت
پوڙها سنگتراش !

❁

* مکٽ، موڙ

ڏات جو ڏيئو

ڏات جو ڏيئو، جلندو رهندو؛
جيسين رهندي جيونَ جوت.
قلم پڄي جَي پورا ٿيندو،
خيالن تي جَي پهرو پوندو؛
رتُ نہ هوندو، ست نہ هوندو،
پوءِ بہ پڪ سان منهنجا ساٿي!
ڏات جو ڏيئو، جلندو رهندو؛
جيسين رهندي جيونَ جوت.

❀

اوسيئڙو

ڏرا ڏئي ويل ھي اکيون،
اُھيئي تہ آھن ـ
جن کي رڳو تنھنجو اوسيئڙو ھو،
ٽڪيل ھاربل اُنھن اکين کي،
نہ تہ نوان ٽڙيل گلابَ موھي سگھيا آھن،
۽ نہ وري اچا رابيل تازگي آڻي سگھيا آھن،
ٿڌڙي ھيرَ بہ اُنھن جو ڪجھ بگاڙي نہ سگھي آھي.
منھنجون اکيون، جيڪي ھر نئين صبح ويلَ ـ
توکي ئي ڏسڻ جون ھيراڪَ آھن،
سي توکان سواءِ تاساريون آھن؛
اڄ بہ اُنھن ۾ صرف ھڪ اوسيئڙو،
شدت سان پَلجي رھيو آھي.

❁

اکيون ۽ رومال

تو کان ڌار ٿيندي
اکيون ايڏو ته رُنيون جو ـ
منهنجو سڄو رومال پِڄي پيو
جيڪو عرصي کانپوءِ به،
منهنجي اکين جيان آلو آهي.

جوا

ڦرڻيءَ جو هڪ پاسو پيار آهي،
۽ ٻيو پاسو نفرتَ.
جيڪڏهن ڦرڻيءَ جَي پيار وارو پاسو،
گهڻو توڏانهن رهيو آهي ته پوءِ پڪ ڄاڻ،
هڪ ڏينهن نفرت وارو پاسو به توڏانهن هوندو.

اڳڪٿي

او نوبلي ڇوڪري !
توکي جڏهن اَڇا پوندا،
تڏهن تون پنهنجَي بي وفا وارن کي نهاري؛
پنهنجَي اندر ۾ جهاتي ضرور پائجان !
بي وفائي، توکي پنهنجَي سرير جو حصو لڳندي.

ماڻهو

تون چوين ٿو تہ،
مان عام ماڻهو آهيان .
شُڪر آ مان ماڻهو تہ آهيان،
ڪاش! تون بہ هجين ها.

❊

منهنجو وجود

منهنجا نيڻَ،
توڏانهن واجهائيندَي،
توکي ڳوليندي،
پنهنجي جوت وڃائي رهيا آهن ـ
هاڻي ته منهنجو سمورو وجود،
اکيون بڻجي توکي ڳولي رهيو آهي.

ڳولها

مان پاڻ کي ڳولهي رهيو آهيان،
مان شايد ڪنهن جي،
اڻپوري خواب ۾ رهجي ويو آهيان.
مان جيڪو ڪنهن جَي هٿ تي،
بي خياليءَ ۾ لکجي ويل نانءُ آهيان.
شايد ڪنهن جَي نازڪ جذبن،
۽ اُجرن احساسن ۾ پوئجي ويو آهيان.
مان ڪٿي گم ٿي ويو آهيان...
مان پاڻ کي ڳولهي رهيو آهيان.

سونهن ۽ چنڊ

سونهن کي خربدڻ ٿا چاهيو؟
پُـلـيـا آهـيـو،
جَي سونهن خريدَي سگهجي ها تہ ـ
چنڊُ ڪڏهوڪو وڪامي چڪو هجي ها.

؟......

تون شايد اهو سمجهندي هجين،
تون مون وٽان هلي وئي آهين ـ
تو کي ڪهڙي خبر ؟
تون تہ مون وٽ رهجي وئي آهين!
مون کي پڪ آهي ـ
تون پاڻ کي ڳولهيندي،
هڪ ڏينهن مون وٽ ضرور ايندينءَ !
پر مون کي هڪ ڊپ آهي،
اُن ڪـان اڳ ۾ ـ
منهنجي ايڊريس بدلجي نہ وڃي.

✲

دوريون/ ويڇوٽيون

مون کي تہ اوهان کو دوکو ناهي ڏنو،
دوکو تہ توهان پاڻ کي ڏئي رهيون آهيو.
دوکو تہ مان پاڻ کي ڏئي رهيو آهيان.
فاصلا وڌائڻ سان ـ
دوريون ناهن وڌنديون،
ويڇوٽيون وڌائڻ سان ـ
دوريون ناهن گهٽبيون.
تون مون کان پاڻَ کي دور سمجهين ٿي،
اهو تُنهنجي لاءِ دوکو آهي.
مان توکي پنهنجي ويجهو سمجهان ٿو.
اهو مُنهنجي لاءِ دوکو آهي.
اسان ٻئي تہ ويجها بہ آهيون،
اسان ٻئي تہ دور بہ آهيون.

❁

تون
مان ....

تون پنهنجن خوابن ۾ گرفتار آهين،
۽ مان پنهنجن ڏکن ۾ قيد آهيان.
توکي انتظار آهي رنگين موسمن جو -
مون کي اوسيئڙو آ پيارَ جِي مند جو:
تون پنهنجي سندر احساسن جي لپيٽ ۾ آهين،
مان پنهنجن جذبن جَي صليب تي ٽنگيل آهيان.
تون لمحن ۾ اٽڪيل آهين،
مان صدين ۾ ڦهليل آهيان.
تنهنجن خوابن ۾ ڏار پئجي ويا آهن.
۽ منهنجين يادگيرين ۾ گهنج اچي ويا آهن.

❁

انتظار

مان تہ تنهنجو انتظار ڪندي آهيان،
تون اِهو چڱيءَ ريت ڄاڻين ٿو ٿي ـ
پر شايد تون اِهو نٿي ڄاڻين ....
منهنجا **چپ** بہ تهنجَي انتظار جا هيراڪ آهن.
۽ منهنجا **هٿ** محسوس ڪندا آهن تہ ـ
اُنهن ڪان ڪوئي وڃائجي چڪو آهي،
منهنجون **ٻانهون** هوائن ۾ ڦهلجندَي،
اُٻاٽڪيون ٿي وينديون آهن.
منهنجي اکين کي سمورا منظر ـ
اوپرا ٿا لڳن.
۽ منهنجون **آڱريون** تنهنجي سَرهي سينڌ ۾،
ڦِرڻ لاءِ آتيون هونديون آهن،
تون سوچ تہ تنهنجو انتظار ڪرڻ لاءِ،
مان اڪيلو ٿي نہ هوندو آهيان.

☼

Flying Kiss

درياءَ ۾ ترندڙ گلن کي ـ
چُمي ڏيڻ ٿي چاهيم،
ڪناري ڪان اُهي،
گهڻو ڏور ٿي چُڪا هئا،
مون انهن کي Flying Kiss
ڪري ڇڏي،
۽ پوءِ منهنجي هٿَ ترىءَ تي،
ڪيئي گل ٽڙي پيا هئا.

چڪورَ جو سفر

الائي ڇو، مون کي تون،
چڪور جي روپ ۾، ڏسڻ ٿي گهرين،
جنڪو سموري عمر،
تو ڏانهن سفر ڪندو رهجي وڃي

لفظ

لفظ جيڪي تو وٽ پڇڻ چاهين ٿا،
اُهي ٽيبل تي رکيل گلابي پيڊ ڏانهن،
- واجهائين ٿا.
جنهن جا ڪجهه پنا،
عرصي کان خالي رهجي ويا آهن.

ڊائري جو آخري پنو

هيءُ انهيءَ ڊائريءَ جو آخري پنو آهي،
جيڪا تو منهنجي سالگره تي،
سوکڙي ڪري ڏني هئي،
مان اڄ به پنهنجون پيڙائون،
لفظن ۾ سمائي ان ۾ اوتي رهيو آهيان،
سڀاڻ نئون سال شروع ٿيندو،
تو مون کي نئين ڊائري به نه ڏني آهي،
هاڻي تنهنجا ڏکَ آءُ ڪنهن سان اوريندس؟
هاڻي تنهنجون پيڙائون مان اندر ۾ ئي پوکيندس.

اي سونهن !

اي سونهن! تون ڪنهن غريب جي گهر ۾ ڄمي،
ڇا غلطي نہ ڪئي آهي؟
تنهنجي سونهن جو چمڪندڙ ڏيئو،
هن غريباڻي گهر کي، ڪجهہ ڏينهن تہ روشن رکندو.
۽ پوءِ ڪنهن روشن محل جي زينت بڻبو،
اي سونهن! غريب جو توتي ڪوئي بہ حق ناهي؟
اي سونهن! تون ڪنهن غريب جي گهر ۾ ڄمي،
ڇا غلطي نہ ڪئي آهي؟

هڪ ڏڳُ

اهِا ڪيڏي نہ ڏڪائيندڙ ڳالهہ آهي،
هن ڌاريءَ تي ٽڙيل گل،
ڪوئي ڇني ويو آهي،
سو ير هتي ڪيڏي نہ سرهاڻ هئي.

او خوشبوءِ

او خوشبوءِ !
تون ازل کان ڀٽڪي رهي آهين
ڇا توکي ڪنهن جي ڳولها آهي؟
تون هر طرف ڇو ڊوڙي رهي آهين؟
ٿانيڪي ٿيءُ !
ڪوئي توکي لوڇي رهيو آهي.
شايد هو اهوئي هجي،
جنهن کي تون ڳولهي رهي آهين.

●

اڄ خوشبوءِ ڇونٽي گُهلي؟
اڄ شايد جذبن جا گُل
جمي برف ٿي ويا آهن.
۽ احساس جي هوا بيهجي وئي آهي

❋

رولاڪ هوائون

پوپٽن کي چئو
اُهي گلن تي نہ وہن
ڪتي گل چِٽي نہ پون
ء انهن ۾ رهندڙ خوشبوءِ
اتلي نہ پوي
ء رولاڪ هوائون
اُنهيءَ ڪي پاڻ جيان پٽڪائي نہ ڇڏين

مدمست هوائون

بسنتي رُت جون مدمست هوائون
گلن کي لوڏن ٿيون
انهن مان خوشبوءِ ڪٽي وڃن ٿيون
جيڪا پنهنجي گل ڏانهن
پيهر ڪڏهن بہ ورتي نہ آهي.

اي چنڊ

مون نہ توکي پنھنجو بنائڻ جي
کا خواهش بہ نہ ڪئي آهي،
مون نہ صرف توکي چاهيو آهي،
مان تنھنجي چاندوڪي سيني ڪان
کسڻ نہ ٿي گھران،
اي چنڊ !
تون ايئن ڪاوڙجي ڏيڏانهن وبندو آهين،
سچ کي ڏس اهو پنھنجي چاهيندڙن لاءِ
روز روز ايندو آهي،
تارن کي ڏس پلا انھن ڪڏهن
چمڪڻ کان کيٻايو آهي.

وشالتا

ڦهلجڻ لاءِ توکي وشالتا گھرجي
وشال نہ صرف ڪائنات آهي،
ڇا تون پوري ڪائنات ۾ ڦهلجي سگھندين؟

همدرد
۽ بيوفا ؟

اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾
تون ئي تہ هوندي هان،
مون سان منهنجا ڏُک ونڊيندين هان،
ايئن ڪنهن مهل تو سان رهاڻيون ڪندي،
اچانڪ منهنجي اک لڳي ويندي آهي،
اک کُلندي ئي تون غائب هوندي آهين،
اي رات ! تون ايڏي همدرد
۽ بيوفا ڇو آهين؟

تون ڪٿي آهين؟

ڇا تون اُتي ئي آهين،
جتي پاڻ کي سمجهين ٿي؟
تون تہ در اصل اُتي آهين
جتي گهڻو ياد ڪئي ويندي آهين.

✲

نِستو وجود

جڏهن ڪمري جي روشني
اوندهه کي الوداع چئي وبندي آهي.
هڪ نِستو وجود، بستري ڏانهن وڌندو آهي.
يادگيرين جو ڪمبل پائي، سمهڻ لڳندو آهي،
ته پنبڻين جي هينان، ڪجهه سپنا جاڳي پوندا آهن.
۽ رات جَي وجود مان اُپرندڙ سج جا ڪرڻا،
هن جي مٿان روشنيءَ جو ڇٽُ جوڙيندا آهن.
ته هو ڪر موڙي جاڳي پوندو آهي،
۽ روشنيءَ جي انت تائين پيو جاڳندو آهي.

پئسو

هو پئسن جي عيوض پيارُ گهرن ٿا،
او اڄ جي سونهن !
جڏهن هنن وٽ وڏيڪ پئسو ايندو
ته پوءِ هو وڌيڪ سونهن جي تلاش ۾ هوندا.
۽ هو تنهنجو پيارُ ڇڏي ڏيندا.

منهنجي دل

منهنجي دل ڪو گلدان ناهي
جنهن ۾ هر نئين صبح ويل
ڪي تازا نوان ٽڙيل
گل سجايا وڃن.

SOORIH SINDHI ADAB

لا انسانُ

ديوتا بنجڻ جي خواهش ۾ ـ
هو نه انسان به نه رهيو آهي،
آخر هو فقط انسان ٿين ڇو نه ٿو گهري؟.

موڪلائي

مان ڪوبل جي ڪوڪ ۾ پنهنجو درد پريون ٿو وڃان
مان ڪن لفظن کي پنهنجا احساس ۽ جذبا ڏيون ٿو وڃان
مان اوهان لاءِ يادن جون سوکڙيون رکيون ٿو وڃان
لهندڙ سج کي پنهنجي وفائن جو ساکي ڪيون ٿو وڃان
مُرڪندڙ چپن ۾ پنهنجا ارمان پوکيون ٿو وڃان
روئيندڙ اکين ۾ پنهنجون پيڙائون ڇڏيون ٿو وڃان
مان نہ چاهيندي بہ موڪلايون ٿو وڃان
مان اوهان وٽان موڪلايون ٿو وڃان.

*

پورو ٿيو

SOORIH SINDHI ADAB

مختيار ملڪ

هاڪارن همعصرن شاعرن جي ڪيپ ۾، منفرد ۽ الڳ هڻڻ جي سڃاڻپ ۽ شهرت مختيار ملڪ وٽ به آهي ۽ باقاعده آهي. مختيار جي سموري تخليقي سفر جو، ماضيءَ کان حال تائين، مان ته جهڙوڪر اکين ڏٺو گواهه به آهيان ۽ مون کي ته ان ڳالهه جي به ساروڻي آهي، جڏهن اجا هن جي سياو تي شاعريءَ جي پرهه ڦٽي رهي هئي ۽ ان وهيءَ ۾ ئي ٻارن لاءِ هن جيڪا شاعري سرجي هئي، اها ئي ايتري ته معياري ۽ مانائتي هئي، جو اڄ به ان کي سنڌ جي سرموڙ شاعرن بيوس، دلگير، استاد ۽ الطاف عباسي جي ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جي پڙ ۾ فخر سان هڪ هنڌ رکي سگهجي ٿو. ۽ مختيار جو ڪو ٻيو همعصر شاعر ته مون کي اڄ، سجهي ڪو نه ٿو، جنهن جي "ٻال ڪويتا" کي اهڙو اعزاز ڏيئي سگهجي.

مختيار کي ته جديد شاعريءَ ۾ ڪن انوکين تشبيهن، نرالن خيالن ۽ نين صنفن جي ابتدا ڪندڙ شاعر جي حوالي سان به سهڻي سڃاڻپ حاصل آهي ۽ بناءِ وڏاءَ جي، مان ته ايئن به چوندس ته، هن جي لکيل هر شعري صنف هڪ ڀرپور نگاهه جيترو حسن رکي ٿي. رواني، رنگيني، عڪسيت، ڪمٽمنٽ ۽ زندگي سان پيار لاءِ اتساهه ته جهڙوڪر هن جي شاعريءَ جو مکيه مرڪ پئي رهيون آهن.

نهايت کل مک، خوش طبع ۽ مزاج جو منفرد حسن رکندڙ مختيار، ذاتي زندگيءَ ۾ نهايت بردبار، ٽئبل ٽاڪ ۾ ٽاڪ ۽ پوري طاقت سان اختلاف جي سگهه رکندڙ شاعر ۽ مقرر آهي ۽ هئي پاسي براڊڪاسٽر پڻ آهي.

لفظ هر ماڻهوءَ وٽ آهن ۽ لفظ هرڪو ئي ڳالهائي سگهي ٿو. پر شاعريءَ کان گفتگوءَ تائين، مختيار جنهن ڪمپوز لهجي جو نمائندو آهي، ان جي ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جو سچ ته لطف ئي پنهنجو آهي.

مختيار، سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي هوائن، فضائن ۾ هڪ سڃاڻ شاعر جي سڃاڻپ رکڻ سان گڏوگڏ خيرپور ميرس جي حوالي سان، ثقافتي سفير واري سهڻي شهرت به رکي ٿو.

مون کي پڪ آهي ته، سياڻي واري خيرپور جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ۾، انهن پنهنجي حوالن سان، منهنجي هن دل گهرئي دوست مختيار ملڪ جو نالو، وڏي ادب ۽ نهايت احترام سان ورتو ويندو. انشاءُ الله.

نصير مرزا

20 نومبر 1997

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ·سوره· ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488